روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) خميس 23 مارچ 2023 ع بمطابق پهرين رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 299

ڪو بہ آئين کان مٿانهون ناهي، دهشتگردن کي ڊال بڻائڻ جي اجازت نہ ڏينداسين: وزيراعظم

آئين پاڪستان هرچيز تي مقدم آهي، پنهنجي ذات کي پاڪستان جي مفاد تي قربان ڪرڻو پيو تہ ڪو بہ حرج ناهي: شهباز شريف

اڄ خوشيءَ جو ڏينهن آهي، اسان بجلي پيدا ڪندڙ ٻن منصوبن ۽ ڪوئلو ڪڍڻ واري هڪ منصوبي جو افتتاح ڪيو آهي، ٿر جو ڪوئلو هزارين ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري سگهي ٿو

ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جا مخالف پاڪستان جي ترقيءَ جا مخالف آهن. ٻاهران ڪوئلو گهرائڻ سان پاڪستان کي اربين ڊالرز خرچ ڪرڻا پون ها. منصوبن سان هزارين لکين ماڻهن کي روزگار ملندو

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهہ، وفاقي وزير ۽ چين جو عملدار بہ وزيراعظم سان گڏ اسلام ڪوٽ پهتا

وزيراعظم شهباز شريف ٿر ۾ ڪوئلي مان 1650 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندڙ ٻن منصوبن جو افتتاح ڪري ڇڏيو

مٺي (رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ ڪير بہ قانون کان مٿانهون ناهي. دهشتگردن کي پناهہ ڏيڻ ۽ ڍال بڻائڻ ناقابل برداشت آهي، اُن جي اجازت نہ ڏينداسين. آئين پاڪستان هرچيز تي مقدم آهي، پنهنجي ذات کي پاڪستان جي مفاد تي قربان ڪرڻو پيو تہ ڪو بہ حرج ناهي وزيراعظم شهباز شريف ٿر ۾ ڪوئلي مان 1650 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪندڙ ٻن منصوبن جو افتتاح ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مٺي: وزيراعظم شهباز شريف بجلي جي پيداوار وارن پروجيڪٽن جو افتتاح ڪري رهيو آهي

وزيراعظم ۽ بلاول ڀٽو زرداري بجليءَ جي منصوبي ٿل نوان ٿر جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ٿرپارڪر (رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف ۽ بلاول ڀٽو زرداري 330 ميگاواٽ بجليءَ جي منصوبي ٿل نوان ٿر جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير 13 سئو 20 ميگاواٽ جي شنگهائي اليڪٽرڪ منصوبي جو افتتاح بہ ڪندا وزيراعظم شهباز شريف، پرڏيهي بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير مراد علي شاهہ ۽ وفاقي وزيرن ٻاران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سپريم ڪورٽ کي آڊيو ٽيپس ذريعي بدنام ڪيو پيو وڃي: چيف جسٽس

اسان صبر کان ڪم وٺي آئيني اداري جو تحفظ ڪنداسين. آئيني ادارن کي پنهنجن فيصلن ۾ تحفظ ڏنو آهي، عدليہ جو بہ تحفظ ڪنداسين: عمر عطا بنديال

اليڪشن ڪميشن کي آئين تحت اختيارات حاصل آهن پر جيڪڏهن شفاف چونڊن ۾ بدنيتي ٿي تہ مداخلت ڪنداسين

اسان اهو ناهي چيو تہ اڄ تائين صرف هڪ ئي ايماندار وزيراعظم آيو پر هڪ ڪيس ۾ چيو ويو تہ 1988 ع ۾ هڪ ايماندار وزيراعظم هو، اسان جي اهڙي ڳالهہ کي پارليامينٽ غلط سمجهو

مون غلام محمد ڊوگر جي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي. بدلي خلاف غلام محمد ڊوگر جي اپيل واپس وٺان ٿو: وڪيل عابدي زبيري

اليڪشن ڪميشن طرفان بيورو ڪريسي ۾ بدلين جي منظوري ڪان پوءِ هوئڻ بہ معاملو غير موثر ٿي چڪو آهي: چيف جسٽس جا ريمارڪس

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي تہ سپريم ڪورٽ آئيني ادارو آهي جنهن کي آڊيو ٽيپس ذريعي بدنام ڪيو پيو وڃي. آئيني ادارن کي بدنام ڪندڙ انهن آڊيو ٽيپس جي ڪابہ اهميت نہ آهي. اڳوڻي سي سي پي او لاهور غلام محمد ڊوگر جي بدلي واري ڪيس ۾ ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا تہ اسان صبر کان ڪم وٺي آئيني اداري جو تحفظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس عمر عطا بنديال (فائيل فوٽو)

مون کي مرتضيٰ ڀٽو جيان قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي: عمران خان

زمان پارڪ تي آئين حملو ڪيو ويو جڻ ڪو دهشتگرد لڪيل هجي، هنڌ هنڌ ناڪا هنيا ويا، ڪارڪنن کي ريلي کان الڳ ڪيو ويو

اسان جي ڪارڪنن کي پڪڙيو پيو وڃي، جڊيشل ڪامپليڪس ۾ گرفتاري لاءِ ذهني طور تيار ٿي ويو هيس

آءِ جي پنجاب ۽ آءِ جي اسلام آباد بہ اسڪواڊ ۾ ناهيا آهن، جيڪي اسان جي ماڻهن ۾ شامل ٿي پوليس وارن تي فائرنگ ڪندا

حملي جي جواب ۾ پوليس طرفان فائرنگ ٿيندي ۽ ماڊل ٽائون سانحي جيان اسان جي ماڻهن جو رت وهايو ويندو

لاهور (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ حڪومت پوليس آپريشن ڪري مرتضيٰ ڀٽو جيان مون کي گهر ۾ قتل ڪرڻ جو منصوبو ناهيو آهي. زمان پارڪ مان وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي عمران خان چيو تہ زمان پارڪ تي آئين حملو ڪيو ويو جڻ ڪو دهشتگرد لڪيل هجي، هنڌ هنڌ ناڪا هنيا ويا، ڪارڪنن کي ريلي کان الڳ ڪيو ويو. اسان جي ڪارڪنن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان زمان پارڪ مان وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي

ڏکڻ وزيرستان جي علائقي انگور اڏا ۾ دهشتگردن سان مقابلي دوران آءِ ايس آءِ جو برگيڊيئر مصطفيٰ ڪمال برڪي شهيد

راولپنڊي (م د) ڏکڻ وزيرستان جي علائقي انگور اڏا ۾ دهشتگردن سان مقابلي دوران آءِ ايس آءِ جو برگيڊيئر مصطفيٰ ڪمال برڪي شهيد ٿي ويو، 7 سيڪيورٽي اهلڪار زخمي. ڊي آءِ خان جي علائقي ڪوٽي ۾ بہ دهشتگردن جو پوليس چيڪ پوسٽ تي حملو، 3 جوان شهيد، 3 دهشتگرد بہ مارجي ويا: آءِ ايس پي آر مرجب دهشتگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي، مڪاني چونڊون: اليڪشن ڪميشن 6 يوسيز ۾ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

ٻيهر ڳڻپ مومن آباد جي يوسي 3 ۽ منگهوپير يوسي 12 ۾ ٿيندي: اليڪشن ڪميشن پاران جماعت اسلامي جي درخواست تي محفوظ ٿيل فيصلو

ضلعي شرقي جي علائقي گلشن اقبال جي يوسي 1، اورنگي جي يوسي 3، 7 ۽ 8 ۾ بہ ٻيهر ڳڻپ ٿيندي

جماعت اسلامي ڪراچي ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ 6 يوسيز جا نتيجا اليڪشن ڪميشن ۾ چئلينج ڪيا هئا

ڪراچي (م د) اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۾ ٿيندڙ مڪاني چونڊن دوران تڪراري نتيجن جو شڪار ٿيندڙ 6 يونين ڪائونسلز ۾ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اليڪشن ڪميشن جماعت اسلامي جي درخواست تي محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عزم سان پياري پاڪستان کي ڏکيائين مان ڪڍنداسين: آصف زرداري

قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي گڏيل دستور ڏنو هو

پاڪستان کي خود مختيار بڻائڻ لاءِ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو سڄي عمر جدوجهد ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ اسان جو ملڪ اڄ ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي پر اسان حوصلو ناهي هاريو، پر يور عزم سان پياري پاڪستان کي ڏکيائين مان ڪڍنداسين. يوم پاڪستان جي مناسبت سان جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري (فائيل فوٽو)

ايف آءِ اي محمد خان ڀٽي کي گرفتار ڪري ورتو

محمد خان ڀٽي خلاف مني لانڊرنگ جو ڪيس داخل آهي: ايف آءِ اي

عدالت ٽن ڏينهن جي ريمانڊ تي محمد خان ڀٽي کي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو

لاهور (م د) وفاقي جاچ ايجنسي ايف آءِ اي پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي پرنسپل سيڪريٽري محمد خان ڀٽي کي گرفتار ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور هاءِ ڪورٽ پوليس ۽ ايف آءِ اي کي عمران خان خلاف ڪارروائي کان روڪڻ جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ عمران خان خلاف داخل ڪيسن جي تفصيلن لاءِ ڪيس جي ٻڌڻي تي، سرڪاري وڪيل حلفي بيان سان گڏ رپورٽ جمع ڪرائي

اسان تہ سمجهي رهيا هئاسين تہ 100 ڪيس آهن پر هي تہ 100 کان وڌيڪ آهن: فواد چوڌري

پنجاب ۾ عمران خان خلاف داخل ڪيسن جو انگ 84 آهي جڏهن تہ عمران خان خلاف اسلام آباد ۾ ڪيسن جو انگ 43 آهي: وڪيل اظهر صديق

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ پوليس ۽ ايف آءِ اي کي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف ڪارروائي ڪان روڪڻ جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ عمران خان خلاف داخل ڪيسن جي تفصيلن لاءِ ڪيس جي ٻڌڻي تي سرڪاري وڪيل حلفي بيان سان گڏ رپورٽ جمع ڪرائي ٻڌڻي دوران فواد چوڌري سرڪاري وڪيل سان ڳالهائيندي چيو تہ ڇا حلفي بيان رپورٽ سان لڳل آهي؟ جنهن تي جسٽس طارق سليم شيخ ريمارڪس ڏنا تہ اهو پڇڻ اوهان جو ڪم ناهي، عدالت جو ڪم آهي. وفاقي حڪومت جي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

تعليم کاتي ۾ 750 نيون ڀرتيون ڪرڻ جو فيصلو

30 ضلعن ۾ گريڊ 14 هين آرٽس جي استادن جون 750 نيون ڀرتيون ڪيون وينديون

گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ ٽيسٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 مارڪون هجڻ ضروري آهي: سيڪريٽري ايجوڪيشن

حيدرآباد 33، سکر 31، لاڙڪاڻو 33، خيرپور 54، شهيد بينظير آباد 38، ميرپورخاص 34 ڀرتيون ٿينديون

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي تعليم کاتي ۾ 750 نيون ڀرتيون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. 30 ضلعن ۾ گريڊ 14 هين آرٽس جي استادن جون 750 نيون ڀرتيون ڪيون وينديون. جڏهن تہ نيون ڀرتيون آءِ بي اي ڪندي. سيڪريٽري اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

زلمي خليل زاد پي ٽي آءِ تي پابندي لڳڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو

آءِ ايم ايف جي حمايت جا ٽوراٽا آهيون، جيڪڏهن حڪمران اتحاد کي بہ اهڙا قدم کنيا تہ پاڪستان لاءِ عالمي تعاون گهٽ ٿي ويندو: زلمي خليل زاد

پاڪستاني سياسي اڳواڻ قومي مفاد کي نقصان پهچائيندڙ سياست کان اڳيان جو سوچيندا پاڪستان جي باري ۾ منهنجي ڳڻتي وڌندي پئي وڃي

جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو تہ مون کي اميد آهي تہ سپريم ڪورٽ اهڙي راند ۾ استعمال ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي

اسلام آباد (م د) ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ تحريڪ انصاف تي پابندي لڳي سگهي ٿي. آمريڪا جي اڳوڻي سفير زلمي خليل زاد جو وڏو بيان سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

آمريڪا جو اڳوڻو سفير زلمي خليل زاد

15 پيٽروليم اسڪيم تي آءِ ايم ايف جو اعتراض، حڪومت ردعمل ڏئي ڇڏيو

فيول ڪارڊ تي سڌي ريٽ رليف ۽ ڪوڊ ذريعي رليف ڏيڻ جو جائزو ورتو ويو: مصدق ملڪ

غريب ماڻهو کي 100 رپيا في ليٽر رليف جي پروگرام تي ڪم ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي تہ سستي فيول پروگرام تي آءِ ايم ايف جو اعتراض نٿو لهي. هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ ۾ زلزلي سبب فوت ٿي ويلن جو انگ 9 تي ويو

زلزلي سبب خيبرپختونخواهہ جو ضلعو سوات سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيو

زلزلي جو مرڪز افغانستان ڪوهہ هندوڪش ۽ اونهائي 180 ڪلو ميٽر هئي

پشاور (م د) ملڪ ۾ گذريل ڏينهن ايندڙ 6.8 شدت جي زلزلي سبب هينئر تائين 9 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن جڏهن تہ ڪيترائي زخمي آهن. پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12



پشاور: زلزلي سبب روڊ جو ڏاڍ حصو ٽٽل نظر اچي رهيو آهي

اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

صوابي، ڪوهاٽ، بنون، آزاد ڪشمير، لاهور، چيچا وطني ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا

جهٽڪن سبب عمارتون لڏڻ لڳيون، ماڻهون ٻارن کي کڻي ورد ڪندا پيرين اگهاڙا گهٽين ۾ نڪري آيا

اسلام آباد (م د) وفاقي گادي واري شهر، اسلام آباد، پشاور، ڪوئٽا سميت مختلف شهرن، صوابي، ڪوهاٽ، بنون، آزاد ڪشمير، لاهور، چيچا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نيو ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ: مذهبي جماعت جو اڳواڻ قتل

نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ سبب مذهبي جماعت جو اڳواڻ ۽ قانون بابت صوبائي صلاحڪار سليم کتري قتل ٿي ويو

سليم کتري کي نيو ڪراچي سيڪٽر فائيو جي ۾ گهر کان ويجهو حملي جو نشانو بڻايو ويو: پوليس

سليم کتري کي 5 گوليون لڳيون ڪيس سخت زخمي حالت ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽ) نيو ڪراچي ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ سبب مذهبي جماعت جو اڳواڻ ۽ قانون بابت صوبائي صلاحڪار سليم کتري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ

عمران خان جي ضمانت منظور ڪرڻ وارو فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

بينڪنگ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي عمران خان جي ضمانت رد ڪئي وڃي: درخواست جو متن

ايف آءِ اي اسپيشل پراسيڪيوٽر رضوان عباسي ذريعي بينڪنگ ڪورٽ جي فيصلي کي چئلينج ڪيو

اسلام آباد (م د) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي ضمانت منظور ڪرڻ جو فيصلو چئلينج ڪري ڇڏيو ايف آءِ اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

هڪ ارب رپين کان وڌيڪ جي لاڳت سان سنڌ جي صنعتي زونن جي انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻايو پيو وڃي: جام اڪرام الله ڌاريجو

گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب صنعتڪار پريشان آهن، وفاقي حڪومت ان مسئلي جي حل لاءِ قدم کڻي

سنڌ حڪومت 27 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان سائيٽ ايريا ۾ روڊ ٺاهيا آهن

سائيٽ ايريا ۾ فائر اسٽيشن کي هلائڻ لاءِ ضروري گهربل عملو فراهم ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽ) صنعت ۽ گڏيل امداد کاتن واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي تہ سنڌ جي صنعتي زونن ۾ هڪ ارب رپين کان وڌيڪ جي لاڳت سان انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻايو پيو وڃي. سائيٽ ايسوسيئيشن 27 ڪروڙ رپين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صنعت ۽ گڏيل امداد کاتن واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو اجلاس دوران ڳالهائيندي

شهيد الله بخش سومرو آرٽ يونيورسٽي جامشورو ۾ موبائل ايپليڪيشن ڊزائن پراجيڪٽس جي نمائش لڳائي وئي

جامشورو (ب ر) شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽ ڊزائن اينڊ هيريٽيجز جامشوري پاران موبائل ايپليڪيشن ڊزائن پراجيڪٽس جي نمائش لڳائي وئي جنهن جو افتتاح يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ڪيو ڪميونيڪيشن ڊزائن ڊپارٽمينٽ جي آخري سال جي 14 شاگردن ۽ شاگردياڻين مختلف موضوعن تي پراجيڪٽ نمائش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

تحريڪ انصاف کي 26 مارچ تي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت ملي وئي

شيخ امتياز مينار پاڪستان تي جلسو ڪرڻ جي اجازت لاءِ ضلعي انتظاميہ کي درخواست جمع ڪرائي هئي

جلسي انتظاميہ کي اسٽيج، عورتن ۽ سمورن انڪلوزرز جي سيڪيورٽي جي ذميواري هوندي: اجازت نامي جو متن

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف کي 26 مارچ تي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت ملي وئي. گذريل ڏينهن پي ٽي آءِ لاهور جي صدر شيخ امتياز مينار پاڪستان تي جلسو ڪرڻ جي اجازت لاءِ ضلعي انتظاميہ کي درخواست جمع ڪرائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پيپلزپارٽي سڀ کان وڌيڪ يونين ڪميٽيون کٽيون آهن: مرتضيٰ وهاب

جمهوريت ۾ پهريون حق ان جو هوندو آهي جنهن کي اڪثريت هوندي آهي

عمر ڪالوني ۾ ٽي ڪلوميٽر وڏي روڊ جي اين آئي پي جي تحت تعمير ڪيو ويو آهي

ايندڙ 6 هفتن ۾ نئون ڊبلڪيريج وي روڊ عوام لاءِ کوليو ويندو: افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي سڀ کان وڌيڪ يونين ڪميٽيون کٽيون آهن. جمهوريت ۾ پهريون حق ان جو هوندو آهي جنهن کي اڪثريت هوندي آهي. ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي کي اڪثريتکنهن نہ پر عوام ڏني آهي، ان ڪري ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: بئريسٽر مرتضيٰ وهاب افتتاحي تقريب دوران بيٺل آهي

46 هزار زڪوات مستحق ماڻهن کي زڪواتڪارڊ 10 رمضان تائين ڏنا ويندا: فياض علي بٽ

ڪراچي (م د) سنڌ جي وڏي وزير جي زڪوات بابت صلاحڪار فياض علي بٽ چيو آهي تہ سنڌ بئنڪ پاران 10 رمضان المبارڪ تائين سڄي صوبي ۾ 46 هزار زڪوات وٺندڙن ۾ زڪوات ڪارڊ ورهايا ويندا. ان سلسلي ۾ شفافيت برقرار رکڻ لاءِ بائيو ميٽرڪ سسٽم ذريعي زڪوات وٺندڙن جي تصديق جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي. هن اها ڳالهہ اڄ پنهنجي سنڌ سيڪريٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور هاءِ ڪورٽ 1990 ع کان 2001 تائين توشہ خانہ رڪارڊ پڌرو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

درخواستگذار پاڪستان ٺهڻ کان هينئر تائين توشہ خانہ مان ورتل تحفن جا تفصيل ڏيڻ جي درخواست ڪئي هئي

جنهن دوست ملڪ تحفا ڏنا اهو بہ ٻڌايو وڃي، ڪابہ شيءِ لڪائي نٿي سگهجي. سمورو رڪارڊ پڌرو ڪيو وڃي: عدالت سگهوري

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ 1990ع کان 2001 تائين جو توشہ خانہ رڪارڊ پڌرو ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عاصم حفيظ شهري منير احمد جي درخواست اڪلائي ڇڏي. درخواستگذار پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ اڄ کان تيز برسات جو امڪان

ڪراچي ۾ الهندي هوائن جي سسٽم تحت گرمي ۽ گهٽ سان بادل ٺهي سگهن ٿا

شهر جي اوڀر اولهہ ۽ ڏکڻ ۾ گجگوڙ سان هي بادل ٺهڻ جو امڪان آهي: جواد ميمڻ

ڪراچي (رپورٽ) موسمياتي تجزيہ ڪار جواد ميمڻ اڳڪٿي ڪئي آهي تہ 23 ۽ 24 مارچ تي ڪراچي ۾ برسات جو گهڻو امڪان آهي هن ٻڌايو تہ ڪراچي ۾ الهندي هوائن جي سسٽم تحت گرمي ۽ گهٽ سان بادل ٺهي سگهن ٿا جواد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

فرح گوگي جي وڪيل نيب چيئرمين کي نوٽيس جو جواب اماڻي ڇڏيو

فرحت شهزادي جو توشہ خانہ ڪيس سان ڪو بہ تعلق ناهي. نيب ڪنهن بہ پرائيويٽ شخص کان جاچ نٿو ڪري سگهي: وڪيل

نيب سياسي مخالفت ۾ نوٽيس اماڻي رهيو آهي. نيب چيئرمين طلبي جو نوٽيس ختم ڪري نہ ڪئي صورت ۾ عدالت سان رابطو ڪيو ويندو

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي جي ويجهي دوست فرحت شهزادي عرف فرح گوگي جي وڪيل نيب چيئرمين کي نوٽيس جو جواب اماڻي ڇڏيو آهي. فرحت شهزادي عرف فرح گوگي جي وڪيل قومي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

عام واهپي وارين شين جون قيمتون وڌڻ کان پوءِ شهري محدود خريداري تي مجبور

گذريل سال جي مقابلي ۾ هن سال رمضان دوران تاريخي مهانگائي کي منهن ڏيڻو پوندو

ڪراچي جي بازار رمضان جي اچڻ کان اڳ گذريل آچر تي بہ ويران رهي

مهانگي پيٽرول ۽ بجلي جي ڳرن بلن مان ڪجهہ بچندو تہ رمضان جو اهتمام ڪنداسين: شهري

ڪراچي (م د) مهانگائي جا اثر رمضان جي اچڻ کان اڳ ئي سامهون اچڻ لڳا آهن. بازارن ۾ ويراني ڇانيل آهي شهري محدود مقدار ۾ عام واهپي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڀارت ۽ بنگلاديش ۾ رمضان جو چنڊ نظر نہ آيو، پهريون روزو جمعي تي ٿيندو

ڍاڪا (م د) ڀارت ۽ بنگلاديش ۾ رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر نہ آيو ۽ اتي پهريون روزو جمعي تي ٿيندو، ڀارتي ميڊيا موجب جمعيت علماءِ هند اعلان ڪيو آهي تہ ڀارت ۾ ڪٿي بہ رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر نہ آيو تنهن ڪري پهريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ حڪومت خدمت ۾ سڀ کان اڳتي آهي: سينيٽر عاجز ڌامراهہ

رمضان المبارڪ جيڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ڳڙهي خدابخش بدران سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ملهائي ويندي

پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي کوٽ کي شدت سان محسوس ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي انفارميشن سيڪريٽري ۽ سينيٽر عاجز ڌامراهہ اڄ سنڌ اسيمبلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار سان ايئر چيف مارشل غلام عباس گهمڻ ملاقات ڪري رهيو آهي

موٽروي ڪرپشن اسڪينڊل: بئنڪنگ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار

نوشهرو فيروز بئنڪ جي مئنيجر مختيار چانڊيو ۽ سعود الحق جي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ضمانت واري درخواست تي ٻيهر ٻڌڻي لاءِ معاملو ٽرائل ڪورٽ ڏانهن اماڻي ڇڏيو

اڄ ڪلهہ سڄو ڪم ايف آءِ اي ڪري رهيو آهي، وڏن ڪيسن ۾ پنجن مهينن تائين چالان ئي پيش نہ ٿو ڪيو وڃي: جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو

ڪراچي (رپورٽ) موٽروي ڪرپشن اسڪينڊل ۾ بئنڪنگ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو ويو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ حيدرآباد-سکر موٽروي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر سستو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م د) انٽر بئنڪ ۾ ڊالر سستو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽر بئنڪ ۾ اڄ ڊالر 72 پئسا سستو ٿيو آهي. ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 283.20 رپيا رهيو هو. ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 50 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ جي گورنر ڦوهارا چوڪ جو نالو تبديل ڪري ڪراچي پريس ڪلب چوڪ رکي ڇڏيو

ڪراچي پريس ڪلب جمهوري قدرن جو علمبردار ادارو آهي: ڪامران خان ٽيسوري

ان جي ميمبرن جمهوريت جي تحفظ ۽ بقا لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي تہ ڪراچي پريس ڪلب جمهوري قدرن جو علمبردار ادارو آهي ان جي ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهرو فيروز ۾ سرحل مائينر جي نااهل آفيسرن هٿان پاڻي چڙهي ڏنو، سخت احتجاج

چٽل راڄپر-ڳوٺ پير پرتو-ڳوٺ احمد خان چانڊيو-ڳوٺ پيرل تگڙ جي ڳوٺاڻن پاران احتجاج

ضمير حسين وسطڙو عبدالرشيد وسطڙو مختيار راڄپر ممتاز سيال علي شير مظاهرو ڪيو

وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي ورنه ٻي صورت ۾ ڊي سي آفيس گيٽ اڳيان سخت احتجاج ڪنداسين

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سرحل مائينر جي نا اهل آفيسرن هٿ سان پاڻي چڙهي ڳوٺن جا ڳوٺ فصل ٻوڙائي ڇڏيا آبادگارن ۽ ڳوٺاڻن ڳوٺ چٽل راڄپر ڳوٺ پير پرتو ڳوٺ احمد خان چانڊيو ڳوٺ پيرل تگڙ جي ڳوٺاڻن معصوم پارن جو ايريگيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: سرحل مائينر جي نااهل آفيسرن خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو
پاران عدالتن ڪر ڪارجي
ڪارڪردگي جو جائزو

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو محمد مراد ميمڻ دادو جي سول ڪورٽن جي ساليانى انسپيڪشن ڪئي هن سول ڪورٽن جن ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ 1 دادو عرفان الله قل، سول جج ۽ جڊيشل ميجسٽريٽ 2 دادو ارشاد علي خاصخيلي، سول جج ۽ مئجسٽريٽ جوهي ايٽ دادو راڄ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو پوليس بدامني تي قابو آڻڻ ۾ بلڪل ناڪام، موٽر سائيڪل چورين جو آزار برقرار

موٽر سائيڪل سول اسپتال مڪلي مان ربڏنو جاکرو جي نامعلوم چور چوري ڪري ويا

واحد شورو جي موٽر سائيڪل پڻ چور چوري ڪري ويا هئا جنهن پتو اڃا تائين نه پئجي سگهيو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو پوليس ضلعي ٺٽي ۾ بدامني تي قابو آڻڻ ۾ بلڪل ناڪام مڪلي سميت ٺٽي شهر مان موٽر سائيڪل چورين جو آزار ختم نه ٿي سگهيو وڌيڪ هڪ موٽر سائيڪل سول اسپتال مڪلي مان ربڏنو جاکرو جي ڪي نامعلوم چور چوري ڪري ويا. پوليس کي دانهون ڏيڻ باوجود موٽر سائيڪلن جي چورين تي ڪنٽرول ٿي ناهي سگهيو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ايف ايف سي ميرپور ماٿيلو جو ساراهه جوڳو قدم، مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ

برگيڊيئر محمد سليم چيما جي ذاتي ڪاوشن سان سونا ويلفيئر اسپتال ۾ ڪئمپ

چڪاس ويڪسينئن ڪرڻ بعد مفت دوائون فراهم ڪيون تندرستي هزار نعمت آهي: محمد سليم چيما

هيپاٽائٽس سي ڪاري ڪامڻ سميت مختلف قسمن جون مفت ٽيسٽون ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون ويون

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ايف ايف سي انتظاميا ميرپور ماٿيلو جو ساراهه جوڳو قدم گهوٽڪي ضلعي جي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري ايف ايف سي انتظاميا جي برگيڊيئر محمد سليم چيما جي ذاتي ڪاوشن سان سونا ويلفيئر اسپتال ۾ ڪاري ڪامڻ هيپاٽائٽس بي، هيپاٽائٽس سي سميت مختلف بيمارين لاءِ مفت طبي ميڊيڪل ڪئمپ قائم ايف ايف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گهوٽڪي: ايف ايف سي انتظاميا طرفان لڳايل ميڊيڪل ڪيمپ جو ڏيک

ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 2 جي
رهواسي عبدالحڪيم جروار پاران
احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوباگو(رپورٽ) ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 2 جي رهواسي عبدالحڪيم جروار پريس ڪلب ٽنڊوباگو اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته تعلقي اسپتال ۾ منهنجي ڇوڪري کي علاج لاءِ وٺي ويس جتي ڪو به ڊيوٽي ڊاڪٽر موجود نه هو منهنجي پٽ کي پير ۾ سٽي لڳي جيڪا ڪڍائڻ ويس پر سرڪاري اسپتال ۾ ڪو علاج نه ٿيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

وارهه بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط اچڻ شرط ايجنٽ مافيا سرگرم

في ڪارڊ تي پنج سؤ کان هزار روپيا سرعام ڪٽوتي جو غيرقانوني سلسلو جاري آهي

500 کان هڪ هزار روپين تائين جي ڪٽوتي جاري، ايجنٽن غريب عورتن کي به نه بخشيو

ڊوائيس هولڊر ايجنٽن خلاف ڪارروائي ڪري مستحق عورتن کي پورا پيسا ڏياريا وڃن: مظاهرين

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط اچڻ شرط ايجنٽ مافيا سرگرم في ڪارڊ تي پنج سؤ کان هزار روپيا سرعام ڪٽوتي جو غيرقانوني سلسلو جاري انتظاميه پنهنجو حصو پتي وٺڻ ۾ مصروف وارهه بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آيل قسط مان 500 کان هڪ هزار روپين تائين جي ڪٽوتي جاري، ايجنٽن غريب عورتن کي به نه بخشيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز هلال احمر پاران رمضان المبارڪ کان اڳ ٻوڏ متاثرن کي راشن فراهم

آسپاس جي ڳوٺن مان ايندڙ هڪ هزار کان وڌيڪ متاثرن ۾ سامان ورهايو ويو آهي: عملدار

ڳوٺ خدا بخش وسطڙو- مڇر- مانگٽيجا ۽ ٻين ڳوٺ جي ماڻهن ۾ راشن ورهائي رهيا آهيون

رمضان المبارڪ کان اڳ هزارين خاندانن کي 51 ڪلو وزني ڪاڌي جا پارسل ڏنا پيا وڃن: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) هلال احمر پاڪستان پاران رمضان المبارڪ کان اڳ ٻوڏ متاثرن کي راشن فراهم ڪرڻ جي تقريب ڳوٺ خدا بخش وسطڙو ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ آسپاس جي ڳوٺن مان ايندڙ هڪ هزار کان وڌيڪ متاثرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز: هلال احمر پاران رمضان المبارڪ کان اڳ ٻوڏ متاثرن کي راشن فراهم ڪيو پيو وڃي

ڪوشش اخبار ناروشاه جو
ڪيمرامين نويد احمد خانزاده
لاڏاڻو ڪري ويو

ناروشاه (رپورٽ) ڪي ٽي اين نيوز ۽ ڪوشش اخبار ناروشاه جو ڪيمرامين نويد احمد خانزاده ڪجهه عرصي کان گردن جي مرض ۾ مبتلا هئڻ ڪري هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. فوتي نوجوان ڪجهه هفتا اڳ گردن جي مرض ۾ مبتلا ٿي ويو هئو جيڪو اڄ ڊائلاسز سينٽر نوشهروفيروز ۾ دم ڏني حوالي ڪيو جنهن جي جنازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شيخ پرڪيو جي معزز شخصيت بشير احمد بروهي جي گهر مان ڌاڙي خلاف احتجاج

ايس ايڇ او شيخ پرڪيو پاران جوابدارن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ خلاف سنڌ بروهي اتحاد مظاهرو ڪيو

احمد بروهي پاران وسندڙ برسات ۾ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

پوليس خاموش بڻيل آهي جوابدار گرفتار ڪري بروهي برادري سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين جون ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو جي معزز شخصيت بشير احمد بروهي جي گهر مان پنج ڏينهن پهريان لڳل ڌاڙي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ ايس ايڇ او شيخ پرڪيو پاران جوابدارن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ خلاف سنڌ بروهي اتحاد ڊويزن حيدرآباد صدر مير عبيدالله بروهي حيدرآباد ڊويزن جرڳا چيئرمن محمد رمضان بروهي ڊسٽرڪٽ حيدرآباد صدر علي اڪبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوثپور پرسان اڻ ڄاتل هٿيارٻندن هٿان اغوا ٿيل مزدا ڪلينر جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ مارڪ پيو واري علائقي مان مبينا طور اغوا ٿي ويل روهڙي واسي جي وارثن مظاهرو ڪيو

سوين ماڻهن مٺن انڊس هاءِ وي تي ڳڙهي لاڙو واري علائقي ۾ ٽائر ساڙي زبردست احتجاج ڪيو

سنڌ کان پنجاب ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿيڻ سبب مسافرن کي سخت تڪليفن سان منهن ڏيڻو پئجي ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور چاليهه ڏينهن اڳ غوثپور پرسان اڻ ڄاتل هٿيارٻندن هٿان ڳوٺ مارڪ پيو واري علائقي مان ڌوهارين هٿان مبينا طور اغوا ٿي ويل روهڙي واسي مزدا ڪلينر پيربخش شيخ ۽ پنج ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل چوڪيدار سردار ننڌواڻي جي بازيابي لاءِ شيخ ۽ اوڳاهي برادري جي سوين ماڻهن مٺن انڊس هاءِ وي تي ڳڙهي لاڙو واري علائقي ۾ ٽائر ساڙي زبردست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

غوثپور: اڻ ڄاتل هٿيارٻندن هٿان اغوا ٿيل مزدا ڪلينر جي بازيابي لاءِ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊي باگي لڳ ڪلوئي ۽ آٿيلا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل همراهه فوت

گولين لڳڻ سبب زخمي ٿيل 50 سالا ميان داد ولد پٽ مالڪ ڪلوئي سخت زخمي ٿي پيو هو

فوتي ميان داد ڪلوئي جو لاش وارث ڪٽائي تعلقا اسپتال ٽنڊوباگو ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ آندو ويو

اسان تي ٻاهرين جي چوڻ تي اجايو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو پيو وڃي: الزام هيٺ ڌر جون ڳالهيون

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊي باگي لڳ نٿون مالڪ واهه پرسان ڪلوئي ۽ آٿيلا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿيل هڪ ڄڻون فوت خبرموجب گذريل رات دير سان ٽنڊوباگو لڳ نٿون مالڪ واهه لڳ زمين جو واٽر ڪورس بند تان آٿلن ۽ ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ گولين لڳڻ سبب زخمي ٿيل 50 سالا ميان داد ولد پٽ مالڪ ڪلوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

گلاب لغاري ۽ پرياسي ۾ مٽي جي تيز طوفان ۽ تيز برسات، فصل تباهه ٿي ويا

اسپنگر جي ڪرڻ ۾ پيل اناج ۽ ٻه ڪي جزوي طرح ڪروڙين روپين جو نقصان پهتو

ڪڻڪ ۽ توريئي جا تيار ٿيل فصل ٻنين ۾ پيل هجڻ سبب ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڇانيل

گلاب لغاري (رپورٽ:گلزار لغاري) گلاب لغاري ۽ پرياسي ۾ مٽي جي تيز طوفان ۽ پسگردائي جي ڪجهه علائقن ۾ برسات جي وسڪاري سبب ٻنين ۾ جمع ڪيل ڪڻڪ توريئي ۽ اسپنگر جي ڪرڻ ۾ پيل اناج ۽ ٻه ڪي جزوي طرح ڪروڙين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز جي ايس ايس پي آفيس ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا، عملدارن کي هدايتون جاري

آفيس ۾ موجود اهلڪار سوال ڪندڙن جون شڪايتون ٻڌي ۽ انهن کي فوري طور تي حل ڪن

آفيسرن ۽ اهلڪارن جا مسئلا، موڪلن، شوڪاز نوٽيس، ٽرانسفر پوسٽنگ ۽ ٻيا مسئلا ٻڌا

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي روزاني جيان پنهنجي آفيس ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي فوري حل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا. ايس ايس پي عبدالقيوم پتافي لاڳاپيل آفيسرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: ايس ايس پي عبدالقيوم پتافي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

جماعت اصلاح المسلمين دادو زون پاران سجڻ سائين جي سالگرهه ملهائي وئي

پروفيسر نعمت الله قريشي محبوب سجڻ سائين جي ديني اصلاحي تي روشني وڌي

منير احمد ڪلهوڙو محبوب سجڻ سائين جي صحتيابي لاءِ دعائون گهريون ويون

دادو (رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون پاران جماعت اصلاح المسلمين جي سربراهه محبوب سجڻ سائين جي 60هين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پرياسي پرسان قومي شاهراهه تي قاسم ڪاهي لڳ سنڌ يار شهواڻي پمپ تي ڪاهه ڦرلٽ

سنڌ يار شهواڻي پيٽرول پمپ تي پوليس وردي پهريل هٿيارٻندن چڙهائي ڪري ڦرلٽ ڪئي

پيٽرول پمپ جي ملازمن عمران وڙائچ جي اڳواڻي ۾ واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسي پرسان قومي شاهراهه تي قاسم ڪاهي لڳ سنڌ يار شهواڻي پيٽرول پمپ تي پوليس وردي پهريل هٿيارٻندن جي چڙهائي مينجر پاران ڦر ۽ ملازم کي اغوا جا الزام سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرو فيروز ۾ جماعت اصلاح المسلمين شاهپور جهانيان پاران سجڻ سائين جي سالگرهه

علامه مولانا خليفه دلدار حسين چانڊيو طاهري، خليفه غلام شبير ڏاهري طاهري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

جماعت ضلع شهيد بينظير آباد جا صدر وقاص عظيم طاهري ۽ ٻين علماءِ اڪرام پاران دعائون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) جماعت اصلاح المسلمين و روحاني طلباءِ جماعت برانچ شاهپور جهانيان جي طرفان پنهنجي محبوب قايد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: سجڻ سائين جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ بخشو خان بڙدي ۾ نوجوان سان بدفعلي خلاف احتجاج

نوجوان امجد علي عرف اڄي بڙدي سان بدفعلي سندس عزيزن پيءُ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

امجد علي بڙدي سان زبردستي بدفعلي ڪندڙن خلاف پوليس ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ بخشوخان بڙدي ۾ 20 ورهين جي نوجوان امجد علي عرف اڄي بڙدي سان علائقي جي نوجوانن پاران ڪيس زبردستي شراب جي نشي ۾ وڌيڪ نشي وارين گورين وجهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان جي پير پاڙي جي رهواسين پاران بجلي جا ٽرانسفارمر هجڻ خلاف احتجاج

بند هجڻ جي خلاف ريلي ڪڍي قليلي روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي

روڊ جي ٻنهي پاسن کان درجنين گاڏيون بيهجي ويون، اڳواڻي ڪائونسلر سرفراز ٻٽي ۽ ٻين پاران احتجاج

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي پير پاڙي جي رهواسين پاران بجلي جا 4 ٽرانسفارمر بند هجڻ جي خلاف ريلي ڪڍي قليلي روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان: پير پاڙي جي رهواسين طرفان ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ بهار جي موسم جي پهرين تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات

گجگوڙ سان برسات سبب سخت گرمي جو زور ٽٽي ويو ۽ موسم خوشگوار ٿي وئي

بجلي ۽ مواصلات جو نظام درهم برهم ٿي ويو، زمين تي بيٺل فصل کي سخت نقصان رسيو

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ بهار جي موسم جي پهرين تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جو وسڪارو ٿيو، جنهن سبب سخت گرمي جو زور ٽٽي ويو ۽ موسم خوشگوار ٿي وئي، جڏهن ته بجلي ۽ مواصلات جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي 24 مارچ جي حوالي سان ڊي ايڇ او آفيس بدين کان ريلي

ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو، ڊاڪٽر صاحب خان ڪوسو، ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو شريڪ

سوين ورڪرن ڊي ايڇ او آفيس کان سول اسپتال بدين تائين جاڳرتا ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي 24 مارچ جي حوالي سان ڊي ايڇ او آفيس بدين کان ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو، ڊاڪٽر صاحب خان ڪوسو، ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو، امجد پرويز ميربحر، محمد صديق، محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو محمد خان جي گلشن فيض جي رهواسي پيرسن عورت جو احتجاجي مظاهرو

عورت پنهنجي نياڻين سان گڏ ٻن پٽن، پوٽن جي ڪيل ظلم زيادتين خلاف مظاهرو ڪيو

نوجوان پٽ پنهنجي پٽن سان گڏ لٺيون ڪٽي مون کي وارن مان پڪڙي مارڪٽ ڪن ٿا: پيرسن عورت

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي گلشن فيض جي رهواسي پيرسن عورت جو پنهنجي نياڻين سان گڏ ٻن پٽن، پوٽن جي ڪيل ظلم زيادتين مارڪٽ ڪرڻ جي خلاف احتجاج. ڪين پوليس کان گرفتار ڪرائڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ٽنڊو محمد خان: پيرسن عورت پنهنجي نياڻين سان گڏ احتجاج ڪندي

ٺٽي ۾ پاڻي جو عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب، پاڻي وڏي نعمت آهي: ماهرين

گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي ۾ پاڻي جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب ٿي

هن وقت گلوبل وارمنگ سبب به سڄي دنيا ۾ پاڻي جو گهٽتو استعمال ٿي رهيو آهي، نهري پاڻي ڪٽي ويو آهي

ذخيرن کي محفوظ ڪرڻ، ڊيم ٺاهڻ ۽ ميداني ۽ ريگستاني علائقن ۾ پاڻي جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ جي ضرورت آهي

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) پاڻي جو عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب پاڻي وڏي نعمت آهي پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچايو ان مقصد تحت اڄ 22 مارچ تي گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي ۾ پاڻي جي عالمي ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو: پاڻي جو عالمي ڏينهن جي مناسبت سان شاگرد ريلي ڪڍي رهيا آهن

ڪڏڙو ٺاٽي جي حد ۾
نواب شاهه جو رهواسي 2
ڏينهن کان گم

ڪڏڙو(رپورٽ) ٺاٽي جي حد ۾ نواب شاهه شهر جو رهواسي روشن علي سولنگي 2 ڏينهن کان گم، روشن علي سولنگي ولد بخش علي سولنگي جو قيمتي سامان ڪڏڙو ٺاٽي جي حد 17 ميل جمڙائو ڪئنال موري وٽان پوليس برآمد ڪيو سامان ۾ هڪ رومال جوتا موبائيل فون ۽ چنگچي ڦٽوهٽ، اسان جي ٻچي کي آسمان کٽي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهيد سورهيه بادشاهه جي ورسي ايس اين پي هائوس ڪراچي ۾ ملهائي وئي، ڀيٽا پيش

اخلاق بليدي، ضمير چانڊيو رياض بليدي سردار لغاري ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اڄ سنڌ ۾ سورهيه بادشاهه جهڙن سرفروشن ۽ عظيم جاکوڙي ڪردارن جي سخت ضرورت آهي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ)شهيد سورهيه بادشاهه جي ورسي ايس اين پي هائوس ڪراچي ۾ ملهائي وئي، ورسي ۾ ايس اين پي ضلعي اولهه جي اڳواڻن اخلاق بليدي، ضمير چانڊيو رياض بليدي سردار لغاري ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سورهيه بادشاهه جي عظيم شخصيت ۽ ڪردار سنڌ واسين لاءِ مشعل راهه آهي، جڏهن ته اڄ جي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دعوت اسلامي جي شعبي ايف جي آر ايف پاران راشن ورهائڻ جو سلسلو جاري

يونين ڪائونسل ڪاهي ممن ۾ پڻ 500 متاثرين ۾ راشن ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري

مهمان خاص ڊي سي نوشهرو فيروز شاهزيب شيخ هو اي سي پريا شاهد سرڪي پڻ شرڪت ڪئي

ڊي سي سموري ضلعي مهانگيون شيون وڪڻندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) دعوت اسلامي جي شعبي FGRF پاران رمضان المبارڪ جي آمد تي برسات متاثر علائقن ۾ راشن ورهائڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ يونين ڪائونسل ڪاهي ممن ۾ پڻ 500 متاثرين ۾ راشن ورهائڻ جي تقريب سرڪٽ هائوس ڪاهي ممن ۾ ٿي گذري جنهن جو مهمان خاص ڊي سي نوشهرو فيروز شاهزيب شيخ هو جڏهن اي سي پريا ساهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: دعوت اسلامي طرفان رمضان المبارڪ جي موقعي تي راشن ورهايو پيو وڃي

دادو ۾ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن
پاران گروپ انشورنس ۽ بينيوولينٽ
فنڊ لاءِ احتجاج

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي)دادو ۾ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن ضلع دادو پاران گروپ انشورنس ۽ بينيوولينٽ فنڊ ڏيڻ ۽ پينشن 100سيڪڙو ڏيارڻ لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو.ان موقعي تي محمد بخش ڪوراڻي، حميد ميمڻ،نياز پنهور،حافظ غلام محمد چنڙ، محمد هاشم ڪرڪر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي شهر وارڊ 3 ڳوٺ غلام علي مڃارو جو رهواسي اکين جي نور کان محروم

معذوري جو سرٽيفڪيٽ ڪٽي علاج ۽ روزگار لاءِ آفيسن ۽ اوطاقن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور

منهنجو 16 سالن جو پٽ راشد علي، ۽ ٻن نياڻين به جو اکين جو نظر هاڻي گهٽجندو ٿو وڃي: پوڙهيت

ڪڏهن ڪنهن آفيس ۾ ته ڪڏهن ڪنهن جي اوطاق تي چڪر ڪاٽي ڪاٽي هاڻي بيزار اچي ويو آهيان

ٺٽو (ڊر) ٺٽي شهر وارڊ 3 ڳوٺ غلام علي مڃارو جي رهواسي محمد ابراهيم مڃارو جيڪو 2004 کان ٻنهي اکين جي نور کان محروم، سندس هڪ پٽ ۽ ٻن نياڻين جو به اکين جو نظر گهٽجڻ لڳو سالن کان معذوري جو سرٽيفڪيٽ ڪٽي علاج ۽ روزگار لاءِ آفيسن ۽ اوطاقن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهيان ۾ منهنجي ڪير به نٿو ٻڌي تفصيل موجب ٺٽي شهر جي وارڊ نمبر 3 ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دڙو ۾ بدامني جو راڪاس، هٿياربند هول سيل جي واپاري کان ڦر خلاف احتجاجي مظاهرو

دوڪان ٽوڙي 3 3 لک روپين کان وڌيڪ چوري ڪري ويا، شهري ۽ واپاري روڊن تي اچي ويا

ٽيڪسي اسٽاپ پرسان واپاري سليمان سومرو جي دوڪان مان لڳل 3 لک روپين جي چوري ٿي

شهر ۾ ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري شهرين کي امن فراهم ڪيو وڃي: واپاري اڳواڻ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ بدامني جي وڌندڙ ٻاهه خلاف ٻي ڏينهن به شٽربند هڙتال، احتجاجي ڌرڻو ٽريفڪ معطل. ڦر چوري جو ڪو جوابدار گرفتار نه ٿيو تفصيل موجب دڙو ۾ چورين ۽ ڦرون جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دڙو: وڌندڙ بدامني خلاف سومرا برادري جي احتجاج ۾ ايس ايڇ او اڳواڻن سان ڳالهائي رهيو آهي

غوثپور شهر جي ملڪ موچي
پاڙي جي رهواسڻ زاهده خاتون
بيمارين جي ور چڙهيل

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر جي ملڪ موچي پاڙي جي رهواسڻ زاهده خاتون غربت هجڻ سبب مختلف موذي مرضن ٽي بي بلڊ ڪينسر ۽ جلندر ۾ مبتلائي بي يارو مدد گار بڻجي بستري ٻيڙو پيل آهي سندس ڪوبه واهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ميڊيا جي نمائندن جي طرفان سندس اهڙي تڪليف واري حالت جو احوال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان جي نصير آباد واري علائقي ۾ نينگري سان لڄالٽ جي ڪوشش

8 ورهين جي معصوم نياڻي، ب ،س، سان وحشي صفت نوجوان گهر ۾ لڄالٽ ڪئي

نينگري جي حالت اڃان تائين خراب آهي وڌيڪ ٽيسٽون ڪرايون وڃن پيون: ڊاڪٽرياڻي

ٽيسٽون اچڻ بعد ئي تصديق ٿي سگهندي ته لڄالٽ ٿي آهي يا نه،امڪان آهي ته لڄالٽ ٿي آهي

ٽنڊو محمد خا (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي نصير آباد واري علائقي ۾ 8 ورهين جي معصوم نينگري سان لڄالٽ جي ڪوشش. معصوم نينگري بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال داخل ڪئي وئي آهي خبر موجب . ٽنڊو محمد خان سٽي جي نصير آباد علائقي ۾ 8 ورهين جي معصوم نياڻي، ب ،س، سان وحشي صفت نوجوان پنهنجي گهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دڙو پرسان باهه متاثرن جي واهر نه ٿي، انتهائي غربت جي مارين جي سهائتا نه ٿي سگهي

مڊل اسڪول ڪانڌڙا پرسان رهندڙ ماڇي برادري جي پورهيتن جي 6 گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا، اناج ۽ ٻيو سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو هو. نمائندا نه پهتا

ٻچا بک تي آهن، کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي بچيو. انتظاميا سميت ڪنهن به سنڌن اڃا تائين سار ناهي لڌي:متاثر

دڙو (رپورٽ:شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان باهه متاثرن جي واهر نه ٿي، انتهائي غربت جي ماريل باهه متاثر عورتون ٻار کليل آسمان هيٺ بک تي ويٺل. متاثرن جو واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاج، تفصيل موجب گذريل ڏينهن دڙو لڳ مڊل اسڪول ڪانڌڙا پرسان رهندڙ ماڇي برادري جي پورهيتن جي 6 گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي هئي، باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا، اناج ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دڙو: ڪانڌڙا مڊل اسڪول پرسان لڳل باهه جا متاثر واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو غلام حيدر ۽ ان جي ٻين شهرن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط مان ڪٽوتي

ايجنٽ مافيا سرگرم في ڪارڊ تي پنج سؤ کان هزار روپيا سرعام ڪٽوتي جو غيرقانوني سلسلو جاري

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آيل قسط مان 500 کان هڪ هزار روپين تائين جي ڪٽوتي جاري

ايجنٽن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مستحق عورتن کي پورا پئيسا ڏياري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ:ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر ۽ ان جي ٻين شهرن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط اچڻ شرط ئي ايجنٽ مافيا سرگرم في ڪارڊ تي پنج سؤ کان هزار روپيا سرعام ڪٽوتي جو غيرقانوني سلسلو جاري انتظاميه پنهنجو حصو پتي وٺڻ ۾ مصروف تعلقي جي 8 ئي يونين ڪائونسلن جي ننڍن وڏن شهرن ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آيل قسط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 23 مارچ 2023ع

افغانين بابت جوڙيل پاليسيءَ تي عمل ٿي سگهندو؟

هن ملڪ ۾ جيڪي به غير قانوني پرڏيهي اچن ٿا، انهن مان اڪثريت جو منهن سنڌ ڏانهن، خاص طور تي سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ڏانهن هوندو آهي. ملڪي ادارا صرف ڪراچيءَ ۾ رهندڙ انهن پرڏيهين جو تعداد 40 لک ٻڌائي چڪا آهن، جن ۾ اڪثريت افغاني پناهگيرن جي آهي. حقيقي ڳاڻيٽو ته ان تعداد کان به گهڻو آهي. انهن غير قانوني طور تي رهندڙ پناهگيرن سنڌ ۾ ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن. اڪثريت ته "سڪه رائج الوقت" جي طاقت تي ڪجهه سياسي ڌرين جي سهڪار سان هن ملڪ جا شناختي ڪارڊ ٺهرائي هتي جي شهريت وٺي ورتي آهي، ڇو ته شهريت لاءِ لازمي ڊاڪيومينٽ ڪمپيوٽرائزڊ قومي شناختي ڪارڊ ٿي آهي. هاڻي مس مس وفاقي حڪومت کي اهو احساس ٿيو آهي ۽ ان افغان پناهگيرن جي لاءِ نئين پاليسي جوڙي ڇڏي آهي، جنهن موجب انهن ڪئمپن تي به پناهگيرن وارا ضابطا لاڳو ڪيا ويا آهن. افغان پناهگير ڪنهن به جڳهه تي آزاداڻي چرپر نه ڪري سگهندا، انهن جي چرپر ٿاڻن ۾ داخلا سان مشروط ڪئي وئي آهي. اسلام آباد، صوبن ۽ هڪ شهر کان ٻئي شهر جي لاءِ داخلا ڪرائڻ لازمي هوندي. نئين شهر ۾ وڃڻ جي مقصد ۽ ايڊريس بابت به ٿاڻي کي آگاهي ڏيڻي پوندي. ويزا يا رهائشي اجازت نامي جو وقت ختم ٿيڻ بعد ڪين واپس وڃڻو پوندو.

پاڪستان ۾ افغان پناهگيرن جي ٻوڏ تڏهن آئي هئي، جڏهن سوويت يونين افغانستان تي قبضو ڪيو هو. سوويت يونين خلاف آمريڪي آشيرواد سان سخت مزاحمت ڪئي وئي. "وار لارڊز" پيدا ڪيا ويا، جن انساني ڪوپڙين جا مينار ٺاهيا. انساني ڪوپڙين ۾ سنگينن سان سوراخ ڪري انهن ۾ ميڻ بتيون روشن ڪري فتح جا جشن ملهايا. جنگي صورتحال سبب افغانستان جي وڏي آباديءَ پاڪستان جو رخ ڪيو. ٿيندو ائين آهي ته جنگين يا ٻين قدرتي آفتن جي ڪري اتي جا شهري ٻين ملڪن ۾ پناهه وٺندا آهن ته انهن جي مڪمل داخلا رکي ويندي آهي، انهن جي چرپر کي محدود ڪري ڪين پناهگير ڪئمپن ۾ ترسايو ويندو آهي ۽ وري انهن جي ملڪ ۾ حالتون سازگار ٿيڻ تي ڪين واپس موڪليو ويندو آهي، پر هن ملڪ کي بين الاقوامي يتيم خانو سمجهيو ويو آهي. افغان پناهگير هجن يا بنگالي، بهاري، برمي هجن، انهن ته هن ملڪ کي ۽ خاص طور تي ڪراچيءَ کي مستقل ٺاڪ بڻائي ورتو آهي. ڪي ڌريون ته ميانمار (برما) جي روهنگيا ماڻهن کي سنڌ ۾ آڻڻ جي گهر ڪنديون رهيون آهن ۽ انهن روهنگين جو ڪيترو تعداد اهي ڌريون هتي آڻي، انهن کي سڪونت اختيار ڪرائي چڪيون آهن. انهن لاءِ به سروي جي ضرورت آهي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته 90ع واري ڏهاڪي ۾ بوسنيا واري لڙائيءَ دوران هن ملڪ ۾ جيڪي پناهگير آيا هئا، انهن بابت پڻ اهي خبرون تڏهن ميڊيا ۾ رپورٽ ٿيون هيون ته انهن مان به ڪيترن ڪراچيءَ کي پنهنجو مستقل مسڪن بڻائي ورتو هو. سنڌ ۾ افغان پناهگيرن جو وڏو تعداد رهي ٿو جن هن ملڪ جا قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ورتا آهن. انهن کي ڪيئن تڙيو ويندو؟ اڳ ۾ اها رپورٽ آئي هئي ته افغانين جي وڏي تعداد کي شناختي ڪارڊ ٺاهي ڏيڻ ۾ نادرا جو عملو ملوث آهي ۽ پوءِ نادرا جي اهڙي عملي کي قانون جي گرفت ۾ آڻڻ جون خبرون پڻ آيون هيون.

هر ملڪ ۾ پناهگيرن کي ترسائڻ لاءِ هڪ واضح پاليسي ۽ اصول هوندا آهن. انهن کي خيمه بستين ۾ ترسايو ويندو آهي، اهي ملڪيتون خريد ڪري ناهن سگهندا. پر هن ڪشورِ حسين ۾ ته صورتحال ئي "اور" آهي. حڪومت افغانين جي حوالي سان پاليسي ته جوڙي آهي پر ڇا ان تي عمل ٿي سگهندو؟ ڪراچيءَ ۾ ته وڏي تعداد ۾ سياسي پارٽيون، غير سرڪاري تنظيمون، فلاحي تنظيمن جي نالن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو انهن جي سهولتڪاري ڪري رهيا آهن. سياسي ڌرين جا انهن سان مفاد وابسته آهن. انهن جي ووٽ بينڪ آهي، انهن کي سيڙهي بڻائي اهي اسيمبليءَ ۾ پهچن ٿا. وفاقي حڪومت ته افغان پناهگيرن بابت پاليسي جوڙي آهي، پر ان تي عمل جي حوالي سان گهڻو ڪم سنڌ حڪومت جي حصي ۾ اچي ٿو ان ڪري سنڌ ۾ مستقل مهمان بڻيل افغان پناهگيرن کي تڙيو وڃي. جيڪي غير قانوني طور تي قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ورتا آهن، اهي رد ڪرائڻ لاءِ تحرڪ ورتو وڃي. اهي افغاني سنڌ جي وسيلن تي بار آهن. سنڌ جي قومي تشخص ۽ چونڊيل ايوانن ۾ نمائندگيءَ لاءِ خطرو آهن. امن امان کي تارپيڊو ڪندڙ، دهشتگردي، ڀنگ خاطر اغوا ۽ ٻين ڏوهاري سرگرمين ۾ انهن جي ملوث هجڻ جون رپورٽون ته ملڪي ادارا وقت به وقت ڏيندا رهيا آهن.

جمهوريت کي لتاڙيندڙ سياست

ممتاز منگي

20 مارچ تي پي ڊي ايم جي اتحادي حڪومت تمام اتحادين ۽ ڪجهه رياستي ادارن جي گڏيل هڪ ڊگهي اجلاس ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه ڳالهيون آن دي ريڪارڊ ڪيون پر ڪي نقطا جيڪي ميڊيا جي ذريعن کي معلوم ٿيا آهن. انهن ۾ اهم ۽ بنيادي نقطو هي آهي ته اجلاس جي اندر عمران خان ۽ سندس پارٽي جي پيدا ٿيل ڪروڌي روين، ڪردارن، بيانن ۽ عملن تي هي راءِ زير بحث آئي ته ڇو نه عمران خان ۽ سندس پارٽي کي هڪ فاشسٽ جماعت ڊڪليئر ڪجي ۽ ان تي قانوني طرح پابندي لڳائجي. اجلاس جي ان نقطي کي ته بيان ڪيو ويو هو ته عمران خان ۽ سندس پارٽي فاشي سياسي عمل ڪري رهي آهي. عمران جي پارٽي ۾ پابندي وڌل دهشتگرد تنظيمن جا جٿا شامل آهن. تنهن ڪري اتحادين جي راءِ هي جڙي رهي آهي ته دير سوير پي ٽي آءِ تي پابندي لڳائجي. اندرين معلومات اها به اڳيان آئي آهي ته پ پ اهڙي تجويز جي مخالفت ڪئي ۽ هڪ اڌ ٻين به پابندي جي مخالفت ڪئي. مستقبل ۾ ڇا ٿيو ٿئي، انهيءَ تي هن وقت ان جو نتيجو ڪڍڻ ٺيڪ نه ٿيندو پر نوازليگ ۽ مولانا فضل ٻئي انهيءَ هڪ نقطي تي متفق ٿيندي نظر اچن پيا. جيڪي بيان نوازليگ جي قيادت ڏئي پئي، انهن جي بيانن جي روشني ۾ اهو سمجهڻ ڏکيو ناهي. ڇا اتحادي ۽ خاص ڪري نوازليگ عمران خان جي سياسي قد بت ۽ احتجاجي ايڪشن کان خوفزده آهي؟ يا هو مڪمل طور تي اهو سمجهي چڪا آهن ته عمران تمام گهڻن الزامن ۽ يو ٽرن يعني مسلسل بيان تان ڦرڻ جي باوجود هڪ وڏي اڪثريت کي پنهنجي سياسي پاڇي ۾ آڻي پنهنجو ووٽ بينڪ مضبوط کان مضبوط ڪندو ٿو وڃي يا هو انهيءَ کان وڌيڪ انهيءَ خوف ۾ مبتلا آهن ته عمران خان خاموش ٿي ڪڏهن نه ويهندو هن جو نقطءِ نظر جيڪو هن وقت سامهون آيو آهي، اهو هي آهي ته اقتدار ملي يا ڪو ٻيو به سڪون سان حڪومت نه ڪري سگهي. يقينن اهڙي قسم جي سياسي مخالفت سياست جي دنيا ۾ ۽ خاص ڪري جمهوريت جي پراسس ۾ تمام گهڻو عدم استحڪام پيدا ڪندي ۽ اهوئي خوف عمران مخالفن کي ڏينهون ڏينهن وڪوڙيندو ٿو وڃي، جنهن سبب ڪري هو سياسي ميدان ۾ هن جو مقابلو ڪرڻ کان هن وقت تائين ڪيٻائيندا رهيا آهن پر انهيءَ جو مقابلو ته هر صورت ۾ ڪين ڪرڻو آهي. ڇا هو مقابلو رياست جي طاقت ذريعي ڪرڻ ٿا چاهين؟ عمران کي ڪيسن ۾ مبتلا ڪرڻ يا ڪيس جيل ۾ وجهڻ کان سواءِ حڪمران ڌر کي ٻيو ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. هي ته اهوئي عمل ٿيو جيڪو پنهنجي دوراقتدار ۾ عمران، ن ليگ سان ڪيو ۽ ٿورو گهڻو هن هلڪو هٿ يا ڪجهه دٻاءُ پ پ پ تي به وڌو. سياسي مخالفن کي رياست جي طاقت سان ختم ڪرڻ جو عمل يا انهن کي هيسائڻ، چٿڻ جو طريقيڪار ڪنهن جمهوريت پسند پارٽي کي ته ڪنهن به صورت ۾ نٿو جڳائي. اهڙو عمل سياست ۽ جمهوريت کان هٽيل اهي حڪمران ڪندا آهن. جيڪي غير سياسي طريقي سان طاقت ۽ سازشن جي ذريعي اقتدار تي قبضو ڪري آمريت کي مسلط ڪندا آهن ۽ جڏهن به ڪنهن آمر غيرجمهوري طريقي سان ڪنهن پارٽي يا ليڊر کي چٿڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ان جي مقبوليت ۾ نه رڳو اضافو ٿيندو آهي پر ان جا گناهه ۽ غلطيون عوام معاف ڪندي انهيءَ کي مزاحمتي ڪردار سمجهندي پنهنجي سياسي حمايت انهيءَ کي ڏيڻ شروع ڪندو آهي. خاص ڪري اسان جي ملڪ جي اندر، جتي مُني صدي ۾ وڌيڪ عرصو آمريتن جو رهيو آهي ۽ انهن آمريتن مسلسل سياسي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ پارٽين تي هر قسم جو تشدد ڪري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر تشدد ڪندڙ جڏهن ڪمزور ٿيا آهن يا تشدد ڪندي خود ساٿا ٿي ويندا آهن، تڏهن اهي اڳواڻ ۽ پارٽيون وري طاقتور ٿي اڀري ايندي آهن ۽ جڏهن هڪ منتخب ۽ جمهوري قيادت يا سياسي پارٽيون آمريت جي راهه تي هلندي پنهنجي سياسي مخالفن جو مقابلو طاقت سان ڪندا آهن ته اهو عمل رڳو مخالفن کي نٿو ختم ڪري پر اها سياست جمهوريت کي لتاڙڻ شروع ڪندي آهي ۽ جمهوريت جي لتاڙ آمريت جي راهه هموار ڪندي آهي پر جيڪڏهن آمريت پنهنجي داخلي ۽ خارجي سبب ڪري پاسيري ٿي رهي ته اهڙا عمل ملڪي معيشت کي ڪڏهن به استحڪام ڏئي نٿا سگهن، نه معيشت جو داخلي رخ مضبوط ٿيندو ۽ نه وري ٻاهران سيڙپڪاري ملڪ جي اندر ايندي (جيئن هن ملڪ جي معيشت جي پوري تاريخ رهي آهي). انهيءَ کان علاوه سياسي عدم استحڪام جيڪو بد کان بدتر ٿيندو ويندو آهي، اهو وڌ کان وڌ خود رياستي عملداريءَ کي ڪمزور ٿو ڪري ڇڏي. مثال هن وقت نه پر گهڻي عرصي کان وٺي سياسي پارٽين جڏهن کان هڪ ٻئي جا پير ڪڍڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان پوري بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙ مافيا، منافع خور مافيا طاقتور ٿي بي خوفي سان من مستيون پئي ڪري، پوري بيوروڪريسي بحرانن جي دور ۾ پنهنجو ڪردار ادا ناهي ڪندي.

رياستي مشينري جي اندر هر روز ڪرپشن تيزي سان وڌندي ويندي آهي ۽ ملڪ جي اندر باصلاحيت تعليم يافته ۽ ٽيڪنيڪل اسڪلڊ ماڻهو ٻاهرين دنيا جو رخ ڪندا آهن، ڇو ته انهن کي پنهنجي ملڪ جي اندر پنهنجو مستقبل اونداهون نظر ايندو آهي. جڏهن ڪا رياست يا سماج انساني محنت جي مٿانهين درجي جي صلاحيت کان ڪمزور ٿيندو ويندو آهي، تڏهن تڏهن ان ملڪ جي سماجي ابتري ۽ بربادي هڪ وبائي مرض جيان وڌي ويندي آهي. تنهن ڪري ڪنهن به معاشري کي ترقي ڏيارڻ جي لاءِ لازمي آهي ته ان معاشري جي اندر عوام جي اعتماد کي وڌ کان وڌ پختو ۽ بحال ڪجي ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن سياست پنهنجي فوبيائن کان نڪري هڪ مستقل مزاجي سان جمهوري عمل کي پختو ڪندي اڳتي وڌي. بيشڪ عمران خان هڪ جمهوري مزاج رکندڙ اڳواڻ ناهي. هن ۾ انتقام ۽ اقتدار جو جنون حد کان وڌيڪ آهي پر ان جو مقابلو صرف ۽ صرف عوام جي طاقت سان ئي ڪري سگهجي ٿو. پوري انساني تاريخ جي اندر بدترين کان بدتر آمر يا فاشسٽ جيڪي به گذريا آهن. انهن کي رياستي طاقت بچائي نه سگهي، ڇو ته عوام انهن جي خلاف ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن عوام ڪنهن جي خلاف ٿي وڃي ته ان کي دنيا جي ڪا به طاقت بچائي نٿي سگهي. هن وقت اتحادين جو خوف هي سمجهه ۾ اچي ٿو ته هو اليڪشن جي مرحلي کي ۽ خاص ڪري ٻن صوبن جي اندر اليڪشن يعني پختون خواهه ۽ پنجاب جي اليڪشن ان ڪري ڪرڻ کان لنوائين ٿا ته جي هو يعني اتحادي ڪٽي به ويا ته عمران انهن نتيجن کي قبول نه ڪندو جي عمران ۽ سندس پارٽي چونڊون ڪٽي ٿي اچن ته ايندڙ جنرل اليڪشن اتحادين کي ڪٽندي نظر نٿي اچي.

هاڻي هي صورتحال به هڪ عجيب آهي ته جيڪڏهن اتحادي گڏجي ڪري ڪجهه مهينا پهريان يعني وقت کان اڳ ۾ پوري گڏيل اليڪشن ڪرائين ٿا ته پوءِ ڪين ڪهڙو خوف آهي؟ ڇا هو معاشي بحرانن سبب اليڪشن ۾ ڪاميابي ناممڪن ٿا سمجهن؟ ڪنهن به معيشت کي سمجهندڙ ماڻهو اهو آساني سان ٻڌائي ٿو سگهي ته هن ملڪ ۾ ڪجهه مهينن جي اندر ڪا به اهڙي گنگا نه وهندي، جيڪي ڏڪار کي لوڙهي ڇڏي يا گهٽائي. هي خيراتي اٽو، موٽر سائيڪلن يا گاڏين کي تيل جا پيڪيج ڪڏهن به غربت کي ۽ مهنگائي کي گهٽائي نٿا سگهن. اهي صرف ڏيکارڻ جا لالي پاپ آهن.

معاشي سڌارا وڌيڪ وقت وٺندا آهن ۽ اصلاح ڪرڻ کان پوءِ يعني زراعت ۽ صنعت جي اندر جيستائين ترقي نٿي ٿئي، تيستائين معاشي گراف بهتر نٿو ٿي سگهي. لڳي هي پيو ته سڀ اتحادي هاڻي هن هڪ نقطي تي متفق ٿي چڪا آهن ته عمران ۽ سندس پارٽي مان جان ڇڏائڻ جو ٻيو ڪو رستو اختيار ڪجي، جيڪو رستو اليڪشن کان سواءِ ڪين سمجهه ۾ اچي ٿو ۽ هي سمجهدار ۽ نام نهاد سياسي افلاطون پاڻ کي عمران فوبيا ۾ مبتلا سمجهندي اهوئي پيا سمجهن ته هو اليڪشن کان اڳ هن مان جان ڇڏائي ويندا، جيڪو ٿيندي نظر نٿو اچي. هن ملڪ کي هن وقت فردن کان وڌيڪ هڪ سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. يقينن ان استحڪام کي آڻڻ جي لاءِ فردن جو ئي ڪردار ٻڌجي ٿو سگهجي. هن وقت جيڪو فرد يا اڳواڻ اهو اقتدار ۾ آهي يا اپوزيشن جيڪڏهن سياسي استحڪام جو پروگرام ڏئي پنهنجي ذات کان وڌيڪ هن ملڪ جو خيال ڪندو، يا قربانيون ڏيندو، اهوئي جمهوريت ۽ هن رياست کي بچائي سگهي ٿو باقي جيڪو ڪجهه ٿئي پيو، انهيءَ جو مستقبل بهتر نظر نٿو اچي.

تو جنِين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَروڙِج بات:
هَتِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي.

سنڌي ادبي بورڊ جو ڏڳي وارو لوگو

استاد لغاري

سنڌي ادبي بورڊ، سائين جي ايم سيد کان وٺي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي تائين ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولي' کان وٺي، مخدوم سعيد الزمان عاطف تائين، ڪيترا ئي عظيم اديب، عالم، اسڪالر ۽ اڪابر چيئرمين طور ڏٺا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي ٻين اشاعتي ادارن سان ڀيٽ ڪنداسين ته ان جي ڪارڪردگي ٻين سمورن ادارن کان گهڻي ڀاڱي سهڻي ۽ ساراهه جوڳي رهي آهي. هن اداري کي هميشه عوامي امنگن مطابق هلائڻ جي جستجو ۽ ڪوشش ڪئي ويئي آهي. البت اداري جي ساک ان وقت متاثر ٿيڻ شروع ٿي، جڏهن کان اداري ۾ ته رڪني ايڊيٽوريل ڪاميٽيءَ جو وجود عمل ۾ آيو ته رُڪني ڪاميٽي ڪجهه اهڙا فيصلا ڪيا، يا اهڙن فيصلن جي روڪٿام نه ڪري سگهي، جيڪي عوامي اُمنگن وٽان ۽ اتهاس ۾ درست نه هئا.

مثال طور: ڏڳي وارو لوگو تبديل ڪرڻ، رسالن جي ايڊيٽرس جا اختيارات صلب ڪرڻ ۽ رسالن لاءِ مواد جي چونڊ وارو معاملو وغيره. رسالن جي مطالعي مان محسوس ٿئي ٿو ته مواد جي چونڊ جو فيصلو ميرٽ جي بنياد تي نه، بلڪ پنهنجا نوازي، پيري مُريدي ۽ سياسي وابستگيءَ کي نظر ۾ رکي پوءِ ڪيو ويندو آهي. ڪتابن جي اشاعت بابت به عوام جو اهو ئي ساڳيو رايو سامهون اچي ٿو رسالن جي ايڊيٽرس جا اختيارات صرف پروف ريڊرس جي حيثيت تائين محدود ڪيا ويا آهن. جيئن ته سنڌي ادبي بورڊ اسان سڀني اديبن جو گڏيل ادارو آهي. ان ڪري اداري کي پنهنجي ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بنياد تي نٿو هلائي سگهجي. بلاشبه ادارا ان وقت زوال پذيريءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن، جڏهن انهن ۾ ميرٽ ۽ اهليت جي تقاضائن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده چيئرمين صاحب جو شمار انتهائي معتبر، لائق، مهربان ۽ ڏاهن ماڻهن ۾ ڪيو ويندو آهي. اسان جو اندازو آهي ته چيئرمين صاحب کي شايد سياڻا ۽ سُٺا صلاحڪار ناهن مليا! جن جي ڪري بورڊ اختلافن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پيو آهي. چيئرمين صاحب جا صلاحڪار سلي سوچ ۽ روشن خياليءَ جا مظهر ۽ مينار هئڻ گهرجن. جيڪي به صلاحڪار، سنڌ جي نقشي وارو لوگو قائم ڪرائڻ ۽ جاري رکائڻ جا متمني آهن ۽ ان بابت مختلف موقف ۽ دليل ڏيئي رهيا آهن ته اهي انهن جا پنهنجا ذاتي رايا ۽ خيالات ته ٿي سگهن ٿا، پر پوري سنڌي قوم جا خيالات نٿا ٿي سگهن. بيشڪ سنڌ جو نقشو ۽ سنڌ ڌرتي اسان سڀني کي پياري آهي، پر سڀاڻي ڪو ٻيو چيئرمين اچي ۽ اهو سنڌ جي نقشي وارو لوگو هٽائي. ڪعبته الله شريف جو لوگو لڳائي ويهي رهي ۽ پوءِ ان جي مخالفت ڪندڙن کي چوي "اوهين مخالفت ڪندڙ مسلمان ئي ناهيو" ته اهڙا دليل ڏيئي، پنهنجا ذاتي رايا ۽ خيالات قومن مٿان مڙهڻ نه گهرجن. مهرباني ڪري وٺن تان هيٺ لهي اچو اناڻون ڇڏيو ڏڳي وارو لوگو بحال ڪريو سنڌي ادبي بورڊ کان اڳتي به تاريخ لکي پئي وڃي. قوم لاءِ، بورڊ لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ سُٺن لفظن ۾ تاريخي جڳهه والاريو.

تاريخ موهن جو دڙو آهي، ته مڪليءَ به آهي. خدا آباد آهي، ته برهمڻ آباد به آهي. ڪارونجهر آهي، ته ڪنگري به آهي. هالا آهي ته ڀٽ شاهه به آهي. گل حيات انسٽيٽيوٽ آهي، ته سنڌ الاجي به آهي. تاريخ رڳو سنڌ جو نقشو ناهي، پر بورڊ جو ٻڪو ڏڳو به تاريخ آهي. تاريخ سان هر هر هٿ چراند نه ٿيڻ گهرجي. شيخ اياز هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "تاريخ فقط تلوارون نه آهي، فقط نيزي تي سر نه آهي، فقط جنگ جي ميدان ۾ لهوءَ ۾ لويل لاش نه آهي. فقط بادشاهن جون درٻارون ۽ انهن ۾ ڪڄندڙ تلوارون نه آهي. تاريخ اهو دور به آهي، جڏهن ڀٽائي جي يڪتاري مان آواز اڀريو سچي ۽ اصلي تاريخ شاعر آهي، فنڪار آهي، موسيقار آهي. دراڙن جو دروازو، ساميءَ جا سلوڪ ۽ شاهه جو رسالو آهي. اجنتا جا مصور ۽ ايلورا جا صنم تراش، جن جي نالن جو به پتو ناهي. اهي اجنتا جي چترن ۽ ايلورا جي مورتين ۾ اڄان تائين جيئرا آهن". سنڌي ادبي بورڊ ۾ ويٺل ڏاهن کي خبر هئڻ گهرجي ته سُوندا، مڪلي ۽ چوکنديءَ جي پٿرن جي چٽسالي ۽ موهن جي دڙي جو ڦيٿو ڏڳي پادري ۽ سمبارا به تاريخ ۾ امر آهن. انهن کي زمان ۽ مڪان مٽائي نه سگهيا آهن.

علي بابا پنهنجي ناول "موهن جو دڙو" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "آرين هتي اچي گهوڙا ڊوڙايا، بلوا برپا ڪيا، اگنيون اڏايون، جنگيون جوٽيون، انياءَ ۽ اهنڪار ڪيا، ننگريون ناس ڪيون، وسنديون ويران ڪيون، ساوڻ ڀنيون ساڙيون، الا ۽ اماڙيون آنديون، ڀالا، ترارون، تنڪ، تيغون، ڏڪا، سرواهيون، شمشيرون، ڪات، ڪرچات، ڪوڪا، ڪهاڙا، ڪتا، ڪڙڪ ۽ نيزا نروار ڪيا. اهي آريا آتياچاري، اجاڙي، انيائي، اهنڪاري، جهنگلي، خُلمي، دراندازي، فسادي، قهري، ڪامي، ڪروڌي، ڪُڪرمي، لالچي، لوڀي، وحشي، ويري، هاهوڙي ۽ هيبت ناڪ هئا. البت دراوڙ سنڌي لوڪن جو ڌرم آدرش، آدميت، امن، انسانيت، اهنسا، ڀاڄ، تپسيا، تحمل، ترس، چڱائي، دان، ديا، ڌيرج، رحم، شڪ، سلامتي، سهپ، صبر، عافيت، فضيلت، قياس، ڪرم، ڪهل، ڪميا، ماڻ، ماڻهپو مُروت، مِهر، نوڙت ۽ نياز سيکاريندڙ هو". اسان آريائي لوڪن وانگر انيائي، اهنڪاري ۽ ضِدي ناهيون. اسان سنڌي لوڪ آهيون. اسان جو اُصول آدرش، انسانيت ۽ افهام و تفهيم سيکاريندڙ آهي. اسان کي ڊڄڻ گهرجي انهيءَ ڏينهن کان، جڏهن ڏڳي وارو لوگو وري ٻيهر بحال ٿئي (۽ هڪ ڏينهن ضرور بحال ٿيڻو آهي) پوءِ اسان جو ذڪر سُٺن ۽ سُهڻن لفظن ۾ متان شامل نه ٿئي! ان کان پهريان ئي اسان کي پنهنجو فيصلو واپس وٺي، ڏڳي وارو لوگو بحال ڪري، تاريخ جي ورقن ۾ سُرخرو ٿي ويهڻ گهرجي.

بقايا *** 01

ڇڏيو. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه، وفاقي وزير ۽ چين جو عملدار به وزيراعظم سان گڏ اسلام ڪوٽ پهتا. وزيراعظم 330 ميگاواٽ جي ٿل نوان ٿر ۽ 1320 ميگاواٽ جي شنگهائي اليڪٽرڪ منصوبي جو افتتاح ڪيو. ٻنهي منصوبن جي افتتاح سان ٿرجي ڪوئلي مان بجليءَ جي پيداوار وڌي 33 سئو ميگاواٽ ٿي ويندي. وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ خوشيءَ جو ڏينهن آهي. اسان بجلي پيدا ڪندڙ ٻن منصوبن ۽ ڪوئلو ڪڍڻ واري هڪ منصوبي جو افتتاح ڪيو آهي. ٿرجو ڪوئلو هزارين ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري سگهي ٿو. هن جو چوڻ هو ته ٿرجي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جا مخالف پاڪستان جي ترقيءَ جا مخالف آهن. ٻاهران ڪوئلو گهرائڻ سان پاڪستان کي اربين ڊالرز خرچ ڪرڻا پون ها. منصوبن سان هزارين لکين ماڻهن کي روزگار ملندو.

بقايا *** 02

پاور پلانٽ جي ڪنٽرول روم ۽ ٿر ڪول مائين جو به دورو ڪيو ويو آهي. وزيراعظم ۽ بلاول ڀٽو زرداري هيليڪاپٽر ذريعي اسلام ڪوٽ پهتا. وزيراعظم جي گاڏي وڏي وزير مراد علي شاهه ڊرائيو ڪئي، وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي بجلي منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي.

بقايا *** 03

ڪنداسين. آئيني ادارن کي پنهنجن فيصلن ۾ تحفظ ڏنو آهي. عدليه تي به حملا ٿي رهيا آهن. عدليه جو به تحفظ ڪنداسين. چيف جسٽس چيو ته اليڪشن ڪميشن آئيني ادارو آهي جنهن کي تحفظ فراهم ڪنداسين. جمهوري عمل شفاف ٿيڻ گهرجي. اليڪشن ڪميشن کي آئين تحت اختيارات حاصل آهن پر جيڪڏهن شفاف چونڊن ۾ بدنيتي ٿي ته مداخلت ڪنداسين. چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته مختلف وقتن تي سپريم ڪورٽ جي ڳالهين کي غلط سمجهيو ويندو آهي. اسان اهو ناهي چيو ته اڄ تائين صرف هڪ ئي ايماندار وزيراعظم آيو پر هڪ ڪيس ۾ چيو ويو ته 1988ع ۾ هڪ ايماندار وزيراعظم هو. اسان جي اهڙي ڳالهه کي پارليامينٽ غلط سمجهيو. وڪيل عابد زبيري چيو ته مون غلام محمد ڊوگر جي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي. بدلي خلاف غلام محمد ڊوگر جي اپيل واپس وٺان ٿو جنهن تي سپريم ڪورٽ غلام محمد ڊوگر جي بدلي خلاف اپيل واپس وٺڻ جي بنياد تي رد ڪري ڇڏي. چيف جسٽس چيو ته اليڪشن ڪميشن طرفان بيوروڪريسي ۾ بدلين جي منظوري کان پوءِ هونئن به معاملو غير موثر ٿي چڪو آهي. سمورين سياسي پارٽين کي چونڊن ۾ برابر جو موقعو ملڻ گهرجي. اليڪشن ڪميشن کي نگران حڪومت کي بدلين جو کليل اختيار نه ڏيڻ گهرجي.

بقايا *** 04

پڪڙيو پيو وڃي. جڊيشل ڪامپليڪس ۾ گرفتاري لاءِ ذهني طور تيار ٿي ويو هيس. سندس موجب مون کي ٻاڻ پوليس وٽان ڄاڻ ملي ته اتي اٽڪل ماڻهو موجود هئا. جن کي سي ٽي ڊي جي وردي پاتل هئي، انهن جو پلان مرتضيٰ ڀٽو جيان مون کي قتل ڪرڻ هو. آءِ جي ان ۾ ملوث هو. انهن جو هڪ ٻيو پلان به آهي. جيڪو آءِ جي پنجاب، آءِ جي ڪي پي ۽ هينڊلرز گڏجي ٺاهيو آهي. هن چيو ته سگهي ٿو ته اهي زمان پارڪ ۾ ٻيهر آپريشن ڪن. آءِ جي پنجاب ۽ آءِ جي اسلام آباد به اسڪواڊ ٺاهيا آهن. جيڪي اسان جي ماڻهن ۾ شامل ٿي پوليس وارن تي فائرنگ ڪندا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهه پوليس وارا مارجي ويندا. ان حملي جي جواب ۾ پوليس طرفان فائرنگ ٿيندي ۽ ماڊل ٽائون سانحي جيان اسان جي ماڻهن جو رت وهايو ويندو. پوليس وارا پوءِ منهنجي گهر تائين پهچندا ۽ مون کي مرتضيٰ ڀٽو جيان قتل ڪيو ويندو. عمران خان چيو مون کي ته ڪيسن ۾ ضمانت ملي چڪي آهي، پوءِ به پوليس ڪو وارنٽ کڻي اچي ٿي ته اچي، مان گرفتاري ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر پنهنجي ماڻهن کي مرڻ نه ڏيندس. مون کي پنهنجي ڪيسن جي نه ڪارڪنن جي ڳڻتي آهي. عدليا اسان جي حقن جي حفاظت ڪري.

بقايا *** 05

ٽيل فيصلو ٻڌائيندي چيو ته ٻيهر ڳڻپ مومن آباد جي يوسي 3 ۽ منگهو پير يوسي 12 ۾ ٿيندي. اليڪشن ڪميشن جي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته ضلعي شرقي جي علائقي گلشن اقبال جي يوسي 1، اورنگي جي يوسي 3، 7 ۽ 8 ۾ به ٻيهر ڳڻپ ٿيندي. ياد رهي ته جماعت اسلامي ڪراچي ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ 6 يوسيز جا نتيجا اليڪشن ڪميشن ۾ چئلينج ڪيا هئا. ڪراچي ۾ ٿيندڙ مڪاني چونڊن جي هينئر تائين جي غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب پيپلز پارٽي 83 سيٽن سان گڏ پهرين نمبر تي آهي. جڏهن ته جماعت اسلامي 82 سيٽن سان ٻئي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف 30 سيٽن سان ٽئين نمبر تي آهي. مسلم ليگ(ن) 5 ۽ جماعت اسلامي پاڪستان 3 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن ته هڪ سيٽ آزاد اميدوار جي حصي ۾ آئي آهي.

بقايا *** 06

پوليس چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو. اطلاع تي سڪيورٽي فورسز دهشتگردن کي گهيري ورتو. فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 3 دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو آهي. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ لوڌران واسي حوالدار محمد اظهر اقبال، خانيوال واسي نائڪ محمد اسد ۽ وزيرستان واسي سپاهي محمد عيسيٰ شهادت ماڻي.

بقايا *** 07

پيغام ۾ آصف زرداري چيو ته قائداعظم جنهن آزاد رياست جو بنياد رکيو هو، سندس نظريي ۽ فلسفي خلاف هلڻ سان ملڪ ڏکيائين جو شڪار رهيو. هن چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي گڏيل دستور ڏنو هو. 73ع جو آئين اڄ به وفاق جي سڀني ايڪن وچ ۾ مضبوط ٻنڌڻ آهي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان کي خود مختيار بڻائڻ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو سڄي عمر جدوجهد ڪئي. هن وطن جي آزادي ۽ خود مختياري تي ڪڏهن سوديبازي نه ڪئي. آصف زرداري چيو ته اهو شهيد محترمه جي عظيم قرباني جو نتيجو آهي جو جمهوريت مستحڪم ٿي رهي آهي. يقين آهي ته قائداعظم جو پاڪستان ڏکيائين مان نڪري ايندو.

بقايا *** 08

. ايف آءِ اي موجب محمد خان ڀٽي خلاف مني لانڊرنگ جو ڪيس داخل آهي. اينٽي ڪرپشن عدالت مان محمد خان ڀٽي جي ضمانت منظور ٿيڻ کانپوءِ ايف آءِ اي ڪيس حراست ۾ وٺي ڇڏيو. وڪيل راڻا انتظار ٻڌايو ته عدالت ٽن ڏينهن جي رمانڊ تي محمد خان ڀٽي کي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس 25 مارچ تي ٻيهر ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. واضح رهي ته محمد خان ڀٽي جي هڪ وڊيو سامهون آئي هئي، جنهن ۾ هو ڪيترين ئي اهم عدالتي شخصيتن تي پي ٽي آءِ جي حمايت جا الزام هڻي رهيو آهي.

بقايا *** 09

ايجوڪيشن غلام اڪبر لغاري موجب، گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ ٽيسٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 مارڪون هجڻ ضروري آهي. ڀرتين ۾ اقليتي ڪوٽا 5 سيڪڙو ۽ عورتن جي ڪوٽا 15 سيڪڙو رکي وئي آهي. ڪراچي جي 7 ضلعن لاءِ آرٽس ٽيچرز جون 166 پوسٽون مختص ڪيون ويون آهن. حيدرآباد 33، سکر 31، لاڙڪاڻو 33، خيرپور 54، شهيد بينظير آباد 38، ميرپورخاص 34، بدين 28 ۽ ٻين ضلعن ۾ آرٽس استادن جي ڀرتي ڪئي ويندي.

بقايا *** 10

چيو ته مون کي اڄ 23 ڪيسزجي لسٽ ڏني وئي. عدالت سرڪاري وڪيل کي به لسٽ تي صحيح ڪرڻ جو حڪم ڏنو سرڪاري وڪيل چيو ته ايف آءِ اي ڪيسزجي فهرست جي گڏيل ڪاپي حلفي بيان سان گڏ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. فواد چوڌري چيو ته اسان ته سمجهي رهيا هئاسين ته 100 ڪيس آهن پر هي ته 100 کان وڌيڪ آهن. وڪيل اظهر صديق چيو ته اڄ پنجاب ۾ عمران خان خلاف داخل ڪيسن جو انگ 84 آهي جڏهن ته عمران خان خلاف اسلام آباد ۾ ڪيسن جو انگ 43 آهي. ٽوٽل پنجاب ۾ 56 ۽ اسلام آباد ۾ ڪيسن جو انگ 33 هو. فواد چوڌري چيو ته عمران خان خلاف ڪلاڪن ۾ ڪيس داخل ٿي رهيا آهن. نيب جي وڪيل جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت گهري ورتي جنهن تي عدالت نيب جي وڪيل کي فوري طور تي ڪيسزجي رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو. عدالت ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا ته اوهان صرف عمران خان خلاف نيب ڪيسز جي فهرست جمع ڪرائي آهي جنهن تي نيب جي وڪيل چيو ته مون کي پٽيشن جي ڪاپي ڏيو مان جواب جمع ڪرائي ڇڏيندس. وڪيل اظهر صديق چيو ته مون 17 فيبروري تي عمران خان خلاف نيب ڪيسز جي فهرست لاءِ نيب کي خط لکيو پر نيب جي بدنيتي آهي اسان جو حق آهي ته ٻڌايو وڃي عمران خان خلاف نيب ۾ ڪيترا ڪيسز داخل آهن. عدالت 24 مارچ تي نيب ۽ اينٽي ڪرپشن کي رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس طارق سليم شيخ ريمارڪس ڏنا ته ٻڌايو عمران خان خلاف اينٽي ڪرپشن ۾ ڪيترا ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهن؟ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن تعاون نه پيا ڪن اينٽي ڪرپشن به جواب جمع ڪرائڻ جي لاءِ مهلت گهري، جنهن تي عدالت ريمارڪس ڏنا ته اڄ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن تفصيل جمع ڪرائي ڇڏين ها ته ڪيس ختم ٿي وڃي ها. جسٽس طارق سليم شيخ ريمارڪس ڏنا ته ايف آءِ اي ۽ پوليس ڪيسن جا تفصيل پيش ڪري ڇڏيا آهن هاڻ حڪم امتناع کي برقرار نٿو رکي سگهجي. لاهور هاءِ ڪورٽ پوليس ۽ ايف آءِ اي کي عمران خان خلاف ڪارروائي کان روڪڻ جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو.

بقايا *** 11

اچي وئي آهي. اڳوڻي آمريڪي سفير زلمي خليل زاد سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي بيان ۾ چيو ته ايندڙ ڏينهن دوران پي ٽي آءِ تي پابندي لڳڻ واري آهي اهڙا اشارا ملي رهيا آهن ته پارليامينٽ سپريم ڪورٽ کان عمران خان کي نااهل قرار ڏيارڻ جو مطالبو ڪندي. زلمي خليل زاد ٽوئيٽ ۾ وڌيڪ چيو ته آءِ ايم ايف جي حمايت جا ٿورائتا آهيون. جيڪڏهن حڪمران اتحاد کي به اهڙا قدم کنيا ته پاڪستان لاءِ عالمي تعاون گهٽ ٿي ويندو. اڳوڻي آمريڪي سفير سياسي تشدد وڌڻ جو به امڪان ظاهر ڪيو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي آهي ته پاڪستاني سياسي اڳواڻ قومي مفاد کي نقصان پهچائيندڙ سياست کان اڳيان جو سوچيندا. جيڪڏهن ائين نٿي ٿو ته مون کي اميد آهي ته سپريم ڪورٽ اهڙي رائند ۾ استعمال ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندي. زلمي خليل زاد وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي ٻاري ۾ منهنجي ڳڻتي وڌندي پئي وڃي. واضح رهي ته ان کان اڳ پرڏيهي آفيس زلمي خليل جي پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت تي سخت رد عمل ڏنو هو ترجمان چيو هو ته پاڪستان کي پيش ايندڙ چيلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن کان به مشورو وٺڻ جي ضرورت ناهي. پرعزم قوم موجوده مشڪل صورتحال مان مضبوطي سان نڪرندي.

بقايا *** 12

جي 3 صوبن پنجاب، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان سميت ڏکڻ ايشيا جي مختلف ملڪن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا هئا. زلزلو 9 لڳي 47 منٽن تي آيو جنهن جا لوڏا ڪافي دير تائين محسوس ڪيا ويا. زلزلي سبب خيبرپختونخواهه جو ضلعو سوات سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيو آهي جتي ريسڪيو جو ڪم به جاري آهي. زلزلي جو مرڪز افغانستان ڪوهه هندوڪش ۽ اونهائي 180 ڪلو ميٽر هئي. پراونشل ڊيزاسٽرمينيجمينٽ اٿارٽي(پي ڊي ايم اي) خيبرپختونخواهه زلزلي سبب ٿيندڙ نقصانن جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. رپورٽ موجب زلزلي سبب 20 گهرن کي جزوي طور تي نقصان پهتو آهي. جڏهن ته فوت ٿي ويلن ۾ 2 ٻار ۽ 2 عورتون به شامل آهن ريسڪيو 1122 موجب لوئر دير ۾ زلزلي سبب هڪ عورت فوت ۽ 60 ڄڻا زخمي به ٿيا آهن. زخمي ٿيندڙ ماڻهو اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن. زلزلي سبب ڪيترن ئي گهرن جون ڇتون ۽ ڀتيون ڪري پيون. ضلعي انتظاميه ٻڌايو ته مالاڪنڊ ڊويزن ۾ هينئر تائين جي رپورٽن موجب 5 ڄڻا فوت جڏهن ته 263 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. اسپتال ذريعن موجب 193 زخمي سيدو شريف اسپتال آندا ويا جن مان 93 ڄڻا زخمي ۽ ٻيا ڊپ سبب بيهوش ٿيا. 18 مريض هن وقت به اسپتال ۾ داخل آهن جڏهن ته ٻين کي فارغ ڪيو ويو آهي. هينئر تائين جي اطلاعن موجب 20 گهرن کي نقصان پهتو آهي. ڪمشنر مالاڪنڊ شاهدالله خان جو چوڻ هو ته سمورين حالتن ڪنٽرول ۾ آهن، نقصانن جو جائزو وٺي رهيا آهيون. اڄ شام تائين جانيلو علائقن جي به خبر پئجي ويندي. سمورين اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو آهي.

بقايا *** 13

قتل ٿي ويو. پوليس موجب سليم ڪٽري کي نيو ڪراچي سيڪٽر فائيوجي ۾ گهر کان ويجهو حملي جو نشانو بڻايو ويو. پوليس موجب سليم ڪٽري کي 5 گوليون لڳيون ڪيس سخت زخمي حالت ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي. ان حوالي سان مذهبي پارٽي جي ترجمان ٻڌايو آهي ته مقتول اهلسنت ڪراچي ڊويزن جو اڳواڻ ۽ قانوني صلاحڪار هو. ايس ايس پي سينٽرل معروف عثمان موجب مقتول بلال ڪالوني ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي سيڪٽر فائيو جي ۾ پان جي دوڪان تي بيٺل هو ته موٽر سائيڪل تي ايندڙ 4 جوابدار ڪيس گوليون هڻي فرار ٿي ويا. اهڙي واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙيل آهي.

بقايا *** 14

عمران خان جي ضمانت منظوري جي حوالي سان 29 فيبروري تي بينڪنگ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي، درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اسپيشل ڪورٽ جو فيصلو قانون جي خلاف آهي بينڪنگ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي عمران خان جي ضمانت رد ڪئي وڃي. جسٽس محسن اختر ڪياني ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري اڄ 12 وڳي درخواست تي ٻڌڻي ڪندو. ايف آءِ اي جي اسپيشل پراسيڪيوٽر رضوان عباسي ذريعي بينڪنگ ڪورٽ جي فيصلي کي چئلينج ڪيو.

بقايا *** 15

بيان ۾ مصدق ملڪ چيو ته امير لاءِ تيل مهانگو ۽ غريب لاءِ سستو ڪري رهيا آهيون ۽ ان پروگرام تي ڪا سبسڊي نه هوندي. هن چيو ته غريب ماڻهو کي 100 رپيا في ليٽر رليف جي پروگرام تي ڪم ٿي رهيو آهي. فيول ڪارڊ تي سڌي ريٽ رليف ۽ ڪوڊ ذريعي رليف ڏيڻ جو جائزو ورتو ويو. ڪوڊ ذريعي فيول جي فراهمي سڀ کان بهتر سمجهي وئي.

بقايا *** 16

لاڳت سان ڪراچي جي روڊن کي بهتر بڻائي رهي آهي. سائيٽ ايريا ۾ فائر اسٽيشن کي هلائڻ لاءِ ضروري گهربل عملو فراهم ڪيو ويندو. جڏهن ته سائيٽ ايسوسي ايشن ڪراچي لاءِ 2 فلائي اوور جي منظوري ڏني وئي آهي. هن اها ڳالهه اڄ سائيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي دوري جي موقعي تي هڪ اجلاس کي خطاب ڪندي چئي. ان موقعي تي سيڪريٽري صنعت ۽ واپار عبدالرشيد سولنگي ۽ ايم ڊي سائيٽ طارق ڪوکر پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا. سائيٽ ايسوسيئيشن جي عهديدارن صوبائي وزير کي سائيٽ تي هلندڙ ترقياتي ڪمن بابت آگاهه ڪيو. صوبائي وزيرجام اڪرام الله ڌاريجو وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت 27 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان سائيٽ ايريا ۾ روڊ ٺاهيا آهن. سنڌ جي صنعتي زونن ۾ هڪ ارب رپين کان وڌيڪ لاڳت جا ترقياتي ڪم ڪرايا پيا وڃن. هن چيو ته سائيٽ جي ترقياتي ڪمن ۾ سائيٽ ايسوسيئيشن جي عملدارن جي شموليت کي يقيني بڻايو ويندو. صنعتي زونن ۾ انفراسٽرڪچر جي بحالي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن. صنعتڪارن جي سهڪار کانسواءِ صوبي ۾ ترقي ممڪن ناهي. صنعت واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته سنڌ حڪومت پاران واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج جو هڪ گڏيل پلان ٺاهيو پيو وڃي. جيڪڏهن سنڌ کي ان جو حصو ڏنو وڃي ته ڪراچي جي صنعت وڌيڪ ترقي ڪندي. سنڌ سڀ کان وڌو گئس پيدا ڪندڙ صوبو آهي. گئس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب صنعتڪار پريشان آهن. وفاقي حڪومت ان مسئلي جي حل لاءِ قدم کڻي.

بقايا *** 17

وطني ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. اسلام آباد ۾ اڳ ۾ هلڪو جهٽڪو آيو، جنهن سبب در دريون ڪڙڪڻ لڳا پر هڪ منٽ کان به گهٽ دير ۾ تمام زوردار جهٽڪو لڳو، جنهن سان عمارتون لڏڻ لڳيون. ماڻهون ٻارن کي کڻي ورد ڪندا پيرين اگهاڙا گهٽين ۾ نڪري آيا. ابتدائي اطلاعن موجب زلزلي جي شدت 6.8 رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ميٽ آفيس تصديق ڪئي آهي ته زلزلي جي شدت 6.8 رڪارڊ ٿي آهي. ياد رهي ته 8 آڪٽوبر 2005 ۾ آيل زلزلي جي شدت 7.6 هئي، جنهن ۾ 86 هزار ماڻهون فوت ٿيا هئا ۽ سوين عمارتون ڪري پيون هيون. اسلام آباد ۾ گهڻ ماڙ عمارت مرگلا ٽاور ڪري پيو هو.

بقايا *** 18

جو ميئر پيپلز پارٽي جو جيالو هوندو اهڙن خيالن جو اظهار هن اربع ڏينهن ابراهيم حيدري عمر ڪالوني ۾ ٽنڪلوميٽرجي وڏي روڊ جي افتتاح جي موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ ڪيو. ان موقعي تي پيپلزپارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر محمود عالم جاموٽ، وزيراعليٰ سنڌ جو خاص مددگار ۽ پيپلز پارٽي ملير جي صدر سلمان عبدالله مراد، پي ڊيڪي جي اين آءِ پي نذير ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. عمر ڪالوني ۾ ٽي ڪلو ميٽر وڏي روڊ جي اين آئي پي جي تحت تعمير ڪيو ويو آهي. 4.88 ڪروڙ جي لاڳت سان ٺهيل هي روڊ پي اي ايف، ابراهيم حيدري ۽ عمر ڪالوني کي ڳنڍيندو. روڊ جي چوڙائي سيوريج، برساتي پاڻي جي نيڪال ۽ بجليءَ جا پول لڳايا ويا آهن. هن جديد روڊ جي تعمير سان رهندڙ آبادي جي لکين ماڻهو فائدو وٺندا. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽي ٻين پارٽين کان فرق جي عوام جي خدمت ڪرڻ تي يقين رکندي آهي. اجوڪي تقريب ان ڳالهه جو ثبوت آهي. جيڪي علائقا عوام جا آهن اهي اسان جا آهن. گذريل حڪومتن انهن علائقن ۾ ڪو به ڪم ناهيو. اسان ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. پلٽي پيل علائقن ۾ اسان اعلان ۽ واعدا نه ڪيا آهن پر خاموشي سان ترقياتي ڪم ڪري ڏيکاريا آهن ۽ جيڪي ماڻهو چوندا آهن ته پيپلز پارٽي ڪم ناهي ڪرايو اهي هتي اچن ۽ ڏسن ته سنڌ حڪومت ڪورنگي ضلعي ۾ ڪيترائي منصوبا مڪمل ڪيا آهن. پيپلزپارٽي جي حڪومت جو مشن خدمت ڪرڻ آهي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو ته ايندڙ 6 هفتن ۾ ٽئون ڊبلڪيريج وي روڊ عوام لاءِ کوليو ويندو، عمر ڪالوني ۾ سمورن قومن جا ماڻهو رهن ٿا، ڪراچي ۾ اڄ برسات ٿي آهي پر پهريون ڀيرو پاڻي ناهي رڪيو هي فرق آهي ٻين ۾ ۽ اسان ۾ اسان ڪم تي يقين رکندا آهيون. هن چيو ته هو ڪورنگي جي عوام کي پيون سٺيون خبرون ڏيندا سين، ابراهيم حيدري ساڍا ٽي ارب رپين جي منصوبن تي ڪم جاري آهي. گرائونڊ، پارڪس ۽ ٻيا منصوبا تعمير هيٺ آهن. لانڍي ۾ اسٽار گرائونڊ کي وڏي اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ تبديل ڪري رهيا آهيون جڏهن ته بلوچ مجاهد گرائونڊ ڪميونٽي سينٽر، ووڪيشنل ۽ ٽريننگ سينٽر تعمير ڪيو پيو وڃي، اهي سمورا منصوبا ايندڙ جون مهيني تائين مڪمل ڪيا ويندا. ڪرسٽل هاءِ وي تي پٺڪر شروع ڪيو ويندو ماهيگيرن جي روزگار کي بچائڻ لاءِ، وڏوتريٽمينٽ پلانٽ ٺاهيو ويندو، گلستان جوهر فلائي اوور جو افتتاح به 23 مارچ تي ڪيو ويندو، اهي سڀ منصوبا پيو ڪرٽي نه بلڪي ٿرهان جي پنهنجي پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومتناهي رهي آهي. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اسان جي قيادت جي هدايت آهي ته عوام جي مسئلن کي اوليت ڏني وڃي ۽ اهوئي سبب آهي جو پوري سنڌ حڪومت عوام جا مسئلا حل ڪري رهي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته پيپلز پارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکندي آهي ۽ اسان جا منصوبا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو هتان جي عوام پيپلز پارٽي کي هر اليڪشن ۾ ڪامياب ڪرائيندا آهن.

بقايا *** 19

هئي. جنهن کان پوءِ پي ٽي آءِ کي 26 مارچ تي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت ملي وئي آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. اجازت نامي موجب جلسي انتظاميه کي اسٽيج، عورتن ۽ سمورن انڪلوزرز جي سيڪيورٽي جي ذميواري هوندي. جلسي ۾ عدليه ۽ ادارن خلاف تقرير جي اجازت نه هوندي.

بقايا *** 20

ورتل آهي. صوبائي وزير چيو ته اهو تعجب سمجهون يا حسن اتفاق جو ٻاهرين ملڪن جا لابسٽ جيڪي عمران خان جي پي رول تي آهن. اهي روزانو جي بنياد تي عمران خان جي حق ۾ بيان جاري ڪري رهيا آهن. هن چيو ته عمران خان جي حق ۾ پرڏيهين جي بيانن کي پاڪستان جي خودمختياري ۾ مداخلت سمجهون ٿا. عمران خان ڪن کولي ٻڌي، پاڪستان ۾ حڪومت لابنگ فرم ۽ ٻاهرين ملڪن جي دٻاءُ ۾ نه ايندي.

بقايا *** 21

۾ رکيا. جن موضوعن تي ايپليڪيشنس ٺاهيون ويون انهن ۾ عورت، سيبس يونيورسٽي، مرچي برانڊ، ماسي، رهائش اختيار ڪيو، زندگي، پاڻي ۽ ٻيا شامل هئا. شاگردن جي پراجيڪٽس ۾ عورتن جي بيمارين، ريسٽورنٽس تان کاڌي جي فراهمي، يونيورسٽي ويب سائيٽ کي سولو بڻائڻ، پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهمي، رت جو عطيو، بيوٽي پارلر، ٻارن جو خيال رکڻ، زخمي جانورن جو علاج، هاسٽلن جي موجودگي، گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماسين جي موجودگي ۽ ٻيا خيال پيش ڪيا ويا. نمائش بابت ڳالهائيندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته شاگردن جو ڪم انتهائي واکاڻ جوڳو آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته سندن ڪم مارڪيٽ تائين پهچائجي جيئن سندن حوصلا افزائي ٿئي ۽ ڪم کي پذيرائي به ملي. ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته يونيورسٽين ۽ مارڪيٽ ۾ موجود انڊسٽرين ۾ رابطو تمام ضروري آهي. اسان ان سلسلي ۾ ڀرپور ڪوششون وٺي رهيا آهيون ته جيئن ڪو به نوجوان روزگار کان وانجهيل نه رهي ۽ نه ئي سندس محنت ضايع ٿئي. ريا رميش، حسين، پوجا، رباعشه، حرمين، اريبه، شجاع، ڏينار، اريده، منهال، بختاور، انيشه ۽ نور ٽالپر پراجيڪٽس پيش ڪيا جڏهن ته فيڪلٽي ميمبرن ممتاز منگي ۽ محمد زمان ڀٽو سندن سپروائيزر هئا.

بقايا *** 22

ٺهڻ کان هينئر تائين توشه خاني مان ورتل تحفن جا تفصيل ڏيڻ جي درخواست ڪئي هئي. عدالت 1990ع کان 2001ع تائين جو توشه خاني رڪارڊ پڌرو ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته جنهن دوست ملڪ تحفا ڏنا اهو به ٻڌايو وڃي، ڪا به شيءِ لڪائي نٿي سگهجي. سمورو رڪارڊ پڌرو ڪيو وڃي. وفاقي حڪومت طرفان تحفن جا ذريعا ٻڌائڻ جي هدايت تي اعتراض ڪيو ويو هو. وفاقي حڪومت جي وڪيل چيو ته اسان کي هن خلاف اپيل داخل ڪرڻي آهي. جسٽس عاصم حفيظ چيو ته اپيل اوهان جو حق آهي. بغير پئسا ڏيڻ جي ڪو به تحفو نٿا رکي سگهو. گذريل ڏينهن جي ٻڌڻي ۾ وفاقي سرڪار جي وڪيل چيو هو ته توشه خاني جو سال 2000 کان اڳ جو رڪارڊ منظر شڪل ۾ نه آهي ان کان اڳ ٻڌڻي تي عدالت توشه خاني جو 1990ع کان 2001ع تائين جو رڪارڊ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا *** 23

احتساب بيورو(نيب) کي نوٽيس جي جواب ۾ چيو آهي ته فرحت شهزادي جو توشه خاني ڪيس سان ڪو به تعلق ناهي. نيب ڪنهن به پرائيويٽ شخص کان جاچ نٿو ڪري سگهي. نوٽيس جي جواب ۾ چيو ويو آهي ته نيب سياسي مخالفت ۾ نوٽيس اماڻي رهيو آهي. نيب چيئرمين طلبي جو نوٽيس ختم ڪري ٻي صورت ۾ عدالت سان رابطو ڪيو ويندو.

بقايا *** 24

ميمڻ ٻڌايو ته شهر جي اوڀر اولهه ۽ ڏکڻ ۾ گجگوڙ سان هي بادل ٺهڻ جو امڪان آهي. هن چيو ته الهندي هوائن جو هن سسٽم تحت ٺٽو ۽ بدين ۾ به برسات ۽ ڳڙي جو امڪان آهي. هن چيو ته الهندي هوائن جو هڪ 22 مارچ تي سسٽم بلوچستان ۾ داخل ٿيندو. هي سسٽم مضبوط ۽ ان تمام گهڻو پکڙيل هوندو. جواد ميمڻ چيو ته هن سسٽم کي عربي سمنڊ مان گهم جي صورت ۾ سپورٽ ملندي جنهن تحت ڪراچي جي اڪثر علائقن ۾ برسات ۽ ڳڙو وسي سگهي ٿو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته 22 مارچ تي ايندڙ سسٽم تحت گجگوڙ جو امڪان آهي سسٽم 24 مارچ تائين اثرانداز هوندو ڇاڪاڻ سسٽم تحت 23 ۽ 24 مارچ تي ڪراچي ۾ برسات جو وڌيڪ امڪان آهي.

بقايا *** 25

۾ 3 ارب رپين جي ڪرپشن اسڪينڊل جي ٻڌڻي، نوشهرو فيروز بئنڪ جي مئنيجر مختيار چانڊيو ۽ سعود الحق جي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنڪنگ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو، سنڌ هاءِ ڪورٽ ضمانت واري درخواست تي ٻيهر ٻڌڻي لاءِ معاملو ٽرائل ڪورٽ ڏانهن اماڻي ڇڏيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چوڻ آهي ته ٽرائل ڪورٽ ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪري 10 ڏينهن اندر فيصلو ڪري. ٽرائل ڪورٽ جوابدارن جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي هئي. سرڪاري وڪيل استدعا ڪئي ته ڪيس تمام وڏو آهي. معاملو نيب ڏانهن اماڻيو وڃي. جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو چيو ته اڄ ڪلهه سڄو ڪم ايف آءِ اي ڪري رهيو آهي، وڏن ڪيسن ۾ پنجن مهينن تائين چالان ئي پيش نه ٿو ڪيو وڃي. ايف آءِ اي جو چوڻ هو ته جوابدار سعود الحق اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر تاشفين عالم جو ويجهو مائٽ آهي.

بقايا *** 26

جون شيون خريد ڪري رهيا آهن. گذريل سال جي مقابلي ۾ هن سال رمضان دوران تاريخي مهانگائي کي منهن ڏيڻو پوندو. ڪراچي جي بازار رمضان جي اچڻ کان اڳ گذريل آچر تي به ويران رهي. خريدار صرف عام واهپي جي شين جي خريداري ۾ مصروف نظر آيا. شهرين جو چوڻ آهي ته رڪارڊ مهانگائي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي. رمضان ۾ دسترخوان سجائڻ به مشڪل ٿي ويو آهي. مهانگي پيٽرول ۽ بجلي جي گهرن بلن مان ڪجهه بچندو ته رمضان جو اهتمام ڪنداسين. گذريل سال کان ڀيٽ ڪئي وڃي ته رمضان ۾ گهڻي استعمال ٿيندڙ شين جي قيمتن ۾ 50 سيڪڙو تائين اضافو ٿيو آهي. تيل 100 کان 150 رپيه ليٽر مهانگو ٿيو. چانهه جي پتي 600 رپيه ڪلو تائين مهانگي ٿي. کجي جي قيمت به ٻيڻي ٿي وئي، داليون، چانور ۽ مصالحن جون قيمتون به آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن. دوڪاندارن موجب رمضان جي لاءِ خريداري جو رجحان 50 سيڪڙو تائين گهٽ آهي. سرندي وارن طرفان مستحقين ۾ ورهائڻ لاءِ راشن جا ٿيلها به مهانگا ٿي ويا آهن. راشن جي ٿيلهن ۾ شامل شين جي مقدار ۾ انگ به گهٽ ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 27

ته سنڌ حڪومت خدمت ۾ سڀ کان اڳتي آهي جنهن جو ثبوت سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ دل جي بيمارين جي سڀ کان وڏي اسپتال جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي صورت ۾ ڏنو آهي، جڏهن ته ڪنهن به ٻئي صوبي ۾ اڄ تائين اهڙي اسپتال جو مثال نٿو ملي. هن چيو ته رمضان المبارڪ جي ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ڳڙهي خدابخش بدران سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ملهائي ويندي. هن چيو ته پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي کوٽ کي شدت سان محسوس ڪيو پيو وڃي. عاجز ڌامراهه چيو ته جيڪا پارٽي اقتدار ۾ هئي اها هاڻي اپوزيشن ۾ آهي ۽ رياست ۽ حڪومت لاءِ چئلينج بڻيل آهي. انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ انصاف ڪٿي به نظر نه پيو اچي. رڳو لاڏلي لاءِ رليف آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به ائين ناهي ٿيو جو ڪنهن جي گاڏيءَ ۾ حاضري ٿي هجي. هن چيو ته پوليس کي ماريو ويو. سندن يونيفارم ڦاڙيو ويو، مٿن پيٽرول بم اڇلايا ويا. هن چيو ته ادارن جي تقدس جي پامالي پاڪستان لاءِ وڏو خطرو آهي. مان اها ڳالهه رڪارڊ تي رکڻ چاهيان ٿو ته ڇا اهو صحيح آهي ته جڏهن قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪنهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وڃن ته انهن کي ماريو وڃي. اهي ماڻهون اهو چون ٿا ته هتي پوليس نه ايندي ڇو ته هي نوگو ايريا آهي. عاجز ڌامراهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس ۾ به تيزي ڏيکاري وڃي.

بقايا *** 28

روزو 24 اپريل جمعي تي ٿيندو هو ڏانهن بنگلاديش جي نيشنل مون سائٽنگ ڪميٽي به اعلان ڪيو آهي ته ملڪ ۾ پهريون روزو 24 اپريل جمعي تي ٿيندو، ڇو ته اڄ ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ چنڊ نظر ناهي آيو.

بقايا *** 29

پئسا مهانگو ٿيو آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو قدر 286 رپيا ٿي ويو آهي.

بقايا *** 30

جمهوريت جي تحفظ ۽ بقا لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. سياست ڪراچي پريس ڪلب کان شروع ۽ ختم ٿئي ٿي ۽ اڪثر سياستدان هن ڪلب مان تيار ٿي نڪتا آهن. ٿوهارا چوڪ جو نالو تبديل ڪري ڪراچي پريس ڪلب چوڪ رکڻ جو فيصلو هن اداري جي خدمتن کي هڪ ننڍڙو خراج تحسين آهي ۽ اسان لاءِ هي اعزاز آهي ته اسان جي هٿان هي تاريخي ڪم ٿيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڱاري تي ڪراچي پريس ڪلب چوڪ جي افتتاح کان پوءِ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪلب جي عهديدارن طرفان ڏنل مانجهاندي جي موقعي تي ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان، ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي، سيڪريٽري شعيب احمد، نائب صدر مشتاق سهيل، خزانچي احتشام سعيد قريشي، جوائنٽ سيڪريٽري اسلم خان، گورننگ باڊي جا ميمبر فاروق سمي، رفيق بشير، ذوالفقار راڄپر، رميز وهرا، ذوالفقار واهوچو ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبرن سميت صحافين جو وڏو انگ موجود هو. گورنر چيو ته مون کي هن ڪراچي پريس ڪلب چوڪ جو افتتاح ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪندس. مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اختيار نه پر نيت، اداري ۽ ڪردار جي ضرورت هوندي آهي. هن چيو ته ملڪ جون معاشي ۽ معاشرتي حالتون ڪافي خراب ٿي چڪيون. هن ملڪ کان ٻاهر پاڪستان جي سفارتي آفيسن ۽ سفيرن جي رهائشگاهن جو گذريل ٽن چئن مهينن کان ڪرايو ادا نه ٿيو آهي جنهن سان ملڪ جي وڏي بدنامي ٿي رهي آهي. هن چيو ته هن ملڪ ۽ ڪراچي شهر جي معيشت کي مافيا جي حوالي ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ ملڪ ان وقت ترقي ڪندو جڏهن ڪراچي شهر ترقي ڪندو. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته گورنر جون ذميواريون ملڻ کان پوءِ ان وڏن چئلينجز کي منهن ڏنو آهي. سوشل ميڊيا ۾ مونکي مولاجٽ بڻائي پيش ڪيو ويو پر مان ايم ڪيو ايم جي ٽنهي ڌڙن کي منظم ڪيو آهي ۽ صوبي جي ٻين سياسي جماعتن سان به رابطو ڪيو. هن چيو ته هو سنڌ ۽ وفاق جو نمائندو هجڻ سان گڏوگڏ آئيني سربراهه به آهي. جيڪڏهن صوبي ۾ ڪو به آئيني، انساني حقن ۽ ٻيو ڪو به مسئلو پيدا ٿيندو ته ان تي مان ڳالهائيندس. سنڌ جي گورنر چيو ته سڄي ملڪ ۽ صوبي ۾ برابر ترقي جا موقعا هجڻ گهرجن. افسوس سان چوڻو پيو ٿو ته 75 سال گذرڻ جي باوجود به ڪراچي ۽ لاهور ۾ هڪ ئي گرامر اسڪول ۽ هڪ به وڏيون اسپتالون آهن. گورنر چيو ته معاشري جي سڌاري لاءِ صحافت جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب اچڻ تي خوشي آهي. هن پريس ڪلب جي عهديدارن کي يقين ڏياريو ته پريس ڪلب جي ميمبرن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان ڳالهائيندس. ان موقعي تي سنڌ جي گورنر کي ڪراچي پريس ڪلب جي اعزازي ميمبرشپ به ڏني وئي. گورنر ان اعزاز تي عهديدارن جو شڪريو ادا ڪيو. ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي ۽ سيڪريٽري شعيب احمد چيو ته ڪراچي پريس ڪلب هڪ تاريخي عمارت هجڻ سان گڏ جمهوري ۽ انساني حقن جي جدوجهد ۾ خاص ڪردار ادا ڪرڻ جي شاندار تاريخ به رکي ٿو. ٿوهارا چوڪ جو نالو تبديل ڪري ڪراچي پريس ڪلب چورنگي رکڻ جو ڪي ايم سي جو فيصلو وقت جي ضرورت ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي آزاد صحافت لاءِ ڏنل قربانين جو اعتراف آهي. ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ گورننگ باڊي طرفان سنڌ جي گورنر کي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ گورنر ڪامران خان ٽيسوري ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن ٿوهارا چوڪ تي پهچي چوڪ جو نالو تبديل ڪرڻ جي تختي جي رونمائي ڪئي.

بقايا *** 31

جي پراجيڪٽس ۾ عورتن جي بيمارين، ريسٽورنٽس تان کاڌي جي فراهمي، يونيورسٽي ويب سائيٽ کي سولو بڻائڻ، پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهمي، رت جو عطيو، بيوٽي پارلر، ٻارن جو خيال رکڻ، زخمي جانورن جو علاج، هاسٽلن جي موجودگي، گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماسين جي موجودگي ۽ ٻيا خيال پيش ڪيا ويا. نمائش بابت ڳالهائيندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته شاگردن جو ڪم انتهائي واکاڻ جوڳو آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته سندن ڪم مارڪيٽ تائين پهچائجي جيئن سندن حوصلا افزائي ٿئي ۽ ڪم کي پذيرائي به ملي. ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته يونيورسٽين ۽ مارڪيٽ ۾ موجود انڊسٽرين ۾ رابطو تمام ضروري آهي. اسان ان سلسلي ۾ ڀرپور ڪوششون وٺي رهيا آهيون ته جيئن ڪو به نوجوان روزگار کان وانجهيل نه رهي ۽ نه ئي سندس محنت ضايع ٿئي. ريا رميش، حسين، پوجا، رباعشه، حرمين، اريبه، شجاع، ڏينار، اريده، منهال، بختاور، انيشه ۽ نور ٽالپر پراجيڪٽس پيش ڪيا جڏهن ته فيڪلٽي ميمبرن ممتاز منگي ۽ محمد زمان ڀٽو سندن سپروائيزر هئا.

* * *

سنڌو تهذيب ڪائنات جي عظيم ۽ قديم ترين تهذيب آهي: اعظم پٽي

تاريخي جوهر کي اُجاگر ڪرڻ اسان سمورن سنڌ واسين جو فرض آهي

سنڌ هميشه امن، محبت ۽ ڀائپيءَ جو پيغام سموري دنيا ۾ ڦهلايو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي چيو آهي ته سنڌ تهذيبن جي ماءُ آهي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

22 مارچ
سنڌو تهذيب جو ڏهاڙو

عمران خان هٿ سان ملڪ جي حالت خراب ڪرڻ چاهي ٿو جيئن مفاد ماڻي: اعظم لوهاڻو

رياست مدينه جي ڳالهه ڪندڙ عمران خان پاڻ گهڙي چور ۽ ڪرپشن ڪندڙ ۽ انهن جو ساٿي نڪتو

حالتن جو ذميوار عمران خان ۽ پارٽي آهي، تحريڪ انصاف رياست کي ناڪام بڻائڻ جي ڪوشش ۾ آهي

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) مسلم ليگ ن سنڌ نائب صدر اعظم لوهاڻي ۽ ضلع دادو اطلاعات سيڪريٽري آصف راڄپر پاران دادو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ننڊو شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان ڊجيٽل آدمشماري خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽرڪول بائي پاس کان ننڊو پريس ڪلب تائين هڪ ڪلو ميٽر شارٽ مارچ ڪيو ويو

حڪومت شهرن تي ڌارين جي قبضي لاءِ ڊجيٽل آدمشماري جو ڊرامون ڪيو آهي: مظاهرين

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) ننڊو شهر ۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان ڊجيٽل آدمشماري خلاف مرڪزي سڏ تي ٽرڪول بائي پاس کان ننڊو پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جيئي سنڌ
سنڌ دشمن ڊجيٽل آدمشماري بند ڪيو
مهانگائي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي ڌاڙا نامنظور
قومي عوامي تحريڪ پاڪستان بدين

ميرپورماٿيلو مان پراسرار گم ٿيل 25 سالن جي شيلا ٻائي جو ڪو ڏس پتو پئجي نه سگهيو

آل پاڪستان هندو ڪميونٽي سوشل ڪراچي جي اڳواڻن انتظامي بي حسي تي سخت لفظن ۾ مذمت

اڳواڻن پراسرار گم ٿي ميرپورماٿيلو پوليس پاران وارثن جي مدد نه ڪرڻ تي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ) چار ڏينهن اڳ ميرپورماٿيلو شهر مان پراسرار گم ٿيل 25 سالن جي هندو نياڻي شيلا ٻائي جو ڪو ڏس پتو پئجي نه سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وزيراعظم جي ٿر آمد، گوڙاڻو ۽ ڏڪڙچو ڊيم متاثرين جو ناانصافين خلاف ڊيم ايريا وٽ مظاهرا

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:صادق بجير) وزيراعظم جي ٿر آمد، گوڙاڻو ۽ ڏڪڙچو ڊيم متاثرين جو ناانصافين خلاف ڊيم ايريا وٽ احتجاجي مظاهرا خبرموجب: گذريل ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف، پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بقايا سنڌيار 01

سنڌو تهذيب ڪائنات جي عظيم ۽ قديم ترين تهذيب آهي، جنهن تهذيب جي تاريخي جوهر کي اجاگر ڪرڻ اسان سمورن سنڌ واسين جو فرض آهي، هن چيو ته تهذيبن جي عالمي ڏينهن تي سنڌو تهذيب جو ڏاڙو ڪري ملهائڻ جو مقصد سنڌو تهذيب جي تاريخي ۽ آفاقي اهميت ۽ حيثيت کي اجاگر ڪرڻ آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو پوري دنيا سنڌو تهذيب جو عالمي ڏاڙو ملهائيندي. هن چيو ته سنڌو تهذيب پٿرن جي دور کان وٺي اقتصادي ترقيءَ ۽ سماجي اخلاقيات جي اوسر جي مرحلن مان گذرندي موجوده دور تائين هميشه امن، محبت ۽ ڀائپيءَ جو پيغام سموري دنيا ۾ ڦهلايو آهي. اهڙو اظهار هن سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران تهذيبن جو عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌو تهذيب جو ڏاڙو سنڌ جي قديم تاريخي ماڳ "سڏيرڻ جي ٽلهه" تي ملهائڻ واري تقريب ۾ ويچار ونڊيندي ڪيو. سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي، ٽنڊو محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا ۽ شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري جي اڳواڻي ۾ اعجاز علي جسڪاڻي، عاشق علي ڳاهو، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، غلام نبي شاعر خاصخيلي، راشد عمراڻي ۽ ٻين سنڌو تهذيب سان السٽي عشق جي اظهار ڪندي ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ سمورن ساجهه وندن کي پنهنجي قديم تهذيب ۽ ان جي قديم تاريخي آثارن جي مڪمل وارثي ڪندي، سنڌو تهذيب کي اجاگر ڪرڻ لاءِ عملي ڪوششون ڪرڻ گهرجن

بقايا سنڌيار 02

ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عمران خان هٿ سان ملڪ جي حالت خراب ڪرڻ چاهي ٿو جيئن هو پنهنجا ذاتي مقصد حاصل ڪري ۽ پنهنجي خلاف ڪيس مان آزاد ٿئي،هنن چيو ته رياست مدينه جي ڳالهه ڪندڙ عمران خان پاڻ گهڙي چور ۽ ڪرپشن ڪندڙ ۽ انهن جو ساٿي نڪتو آهي اڄ ملڪ جي حالتن جو ذميوار عمران خان ۽ سندس پارٽي آهي، تحريڪ انصاف رياست کي ناڪام بنائڻ جي ڪوشش ۾ ڏينهن رات رڌل آهي جيڪا صرف گوگي ۽ بشره بيبي کي بچائڻ لاءِ سرگرم بڻيل آهي، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ٿيل واقعن ثابت ڪيو آهي ته تحريڪ انصاف ۽ عمران خان سياسي نه پر دهشتگردي ڪندڙ ٽولو آهي، ملڪ جي رياستي ادارن جي سربراهن خلاف مهم هلائيندڙ کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي ملڪ ۾ هاڻ گارگند جي سياست جو خاتمو اچڻ گهرجي عمران خان ملڪ جي نوجوان نسل کي رياستي ادارن ۽ عدليه خلاف آٿي پنهنجا مقصد پورا ڪرڻ چاهي ٿو پر مسلم ليگ نواز ڪڏهن به سندس کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندي،هنن چيو ته عمران خان ملڪ اندر شفاف اليڪشن جي نالي تي ڪجهه ٻيو ڪرڻ گهري ٿو عمران اسرائيل ۽ آمريڪا جو ايجنٽ آهي،ملڪ جو عوام اڄ به مسلم ليگ نواز ۽ رياستي ادارن سان گڏ آهي جلد عمران خان ناڪام ٿيندو ۽ ملڪ نواز شريف جي قيادت ۾ ترقي ڪندو ملڪ جو وزيراعظم نواز شريف هوندو

بقايا سنڌيار 03

ڪلب تائين هڪ ڪلو ميٽر شارٽ مارچ ڪيو ويو جنهن ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن حسين درس، سيد زين شاه، جمن انصاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت سنڌ جي وڏن شهرن تي ڌارين جي قبضي لاءِ ڊجيٽل آدمشماري جو ڊرامون ڪيو آهي جنهن کي سنڌ جو عوام رد ڪري ٿو هنن وڌيڪ چيو ته قومي عوامي تحريڪ جي قائد اياز لطيف پليجو ٻهرين ڏينهن کان من گهڙت آدمشماري خلاف اعتراض ڪندي پوري سنڌ ۾ سخت احتجاج جو سڏ ڏنو آهي جنهن جي ڪري اڄ اهو احتجاج رکيو اسان حڪومت سنڌ کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌ جو عوام ڪڏهن به توهان جي من گهڙت آدمشماري کي تسليم نه ڪندو هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته ڊجيٽل آدمشماري کي فورن ختم ڪري سنڌ جي حقيقي وارثن مان بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 04

